REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سڪر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 20 مارچ 2024ع بمطابق 09 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 295

قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ نوس حڪمت عملي جي ضرورت آهي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس، اقتصادي معاملن ۽ اسٽيبلشمينٽ واري وفاقي وزير احد خان چيما، اين ڊي اي جيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن جي شرڪت

امداد کي شفاف انداز ۾ ماڻهن تائين پهچايو وڃي، تازي طوفاني برساتن جي متاثرين کي ڪنهن به قيمت تي اڪيلو نٿو ڇڏي سگهجي، متاثرين جي مدد اسان جي اولين ترجيح آهي: شهباز شريف

اين ڊي ايم اي قدرتي آفتن جي حوالي سان صوبن سان گڏ اڳتي تعاون وڌيڪ وڌائي، تازي طوفاني برساتن جي متاثرين کي حڪومتي امداد جي فراهمي جلد مڪمل ڪئي وڃي

امداد کي شفاف انداز ۾ ماڻهن تائين پهچايو وڃي، گڏيل سروي مڪمل ڪري امداد صرف متاثر مستحقين کي ئي پهچائي وڃي، متاثرين جي مدد اسان جي اولين ترجيح آهي

وزيراعظم جي هدايت تي گوادر ۾ مجموعي طور تي 7 لک 66 هزار ڪلو خشڪ راشن 24 مارچ تائين ورڇ ٿيندو جنهن مان 3 لک 88 هزار ڪلو راشن 16 مارچ تائين ورهايو ويو آهي: بريفنگ

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته قدرتي آفتن سان پيدا ٿيندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ ماڻهن جي ريسڪيو ۽ مدد جي لاءِ نوس حڪمت عملي ضروري آهي، امداد کي شفاف انداز ۾ ماڻهن تائين پهچايو وڃي، تازي طوفاني برساتن جي متاثرين کي ڪنهن به قيمت تي اڪيلو نٿو ڇڏي سگهجي، متاثرين جي مدد اسان جي اولين ترجيح آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

نواز شريف، آصف زرداري، يوسف رضا گيلاني خلاف توشه خانه ريفرنس: نيب کان رپورٽ طلب

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي احتساب عدالت صدر آصف علي زرداري، اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف ۽ يوسف رضا گيلاني سميت بين جوابدارن جي خلاف توشه خانه مان قيمتي گاڏيون ۽ تحفا وصول ڪرڻ بابت ريفرنس ۾ ايندڙ ٻڌڻي تي قومي احتساب بيورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اهڙين فائلن تي صحيحون ڪيون جنهن ۾ افغان شهرين کي فوج مان ڪڍيو ويو: خواجا آصف

2022 جي ڳالهه آهي ان کان پوءِ وڌيڪ دهشتگرد نه آيا آهن، افغانستان سان ڪي به نوان اصول طئي نٿا ڪرڻ آهيون، 30 کان 40 سالن جو جيڪو ماضي گذريو آهي ان مان هاڻ بريڪ ورتو وڃي

ٽي ٽي پي کي آڻڻ، ملڪ جي معاشي تباهي ۽ نوازشريف کي فارغ ڪرڻ تي پڇاڻو ٿيڻ گهرجي. جنرل(ر) باجوه، فيض حميد ۽ پي ٽي آءِ باني پارليامينٽ کي جواب ڏين

اسان گهر ڪيترائي پيرا ويا آهيون گهر ۽ جيل جي رستي جي خبر آهي، ملڪ جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ وارا اهي ڪير ٿيندا آهن، سوشل ميڊيا تي قرباني ڏيندڙن جو مذاق اڏايو پيو وڃي

وزير دفاع جي طور تي ٻن کان ٽن اهڙين فائلن تي صحيحون ڪيون جنهن ۾ افغان شهرين کي فوج مان ڪڍيو ويو جن مان هڪ ڪيپٽن هو ۽ هڪ ليفٽيننٽ هو

دهشتگرد هن وقت افغان زمين تي آهن، سواءِ انهن ٽن چئن هزارن جي جن کي عمران خان آندو هو ان جي لاءِ قومي اسيمبلي کي بريفنگ به ڏني وئي هئي

اسلام آباد (م ڊ) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته مون وزير دفاع جي طور تي ٻن کان ٽن اهڙين فائلن تي صحيحون ڪيون جنهن ۾ افغان شهرين کي فوج مان ڪڍيو ويو جن مان هڪ ڪيپٽن هو ۽ هڪ ليفٽيننٽ هو پنهنجي بيان ۾ خواجه آصف چيو ته دهشتگرد هن وقت افغان زمين تي آهن، سواءِ انهن ٽن چئن هزارن جي جن کي پي ٽي آءِ باني آندو هو ان جي لاءِ قومي اسيمبلي کي بريفنگ به ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سوشل ميڊيا جو غلط استعمال تي رهيو آهي، قانون نهڻ گهرجي: محسن نقوي

پاڪستان تي حملو ڪندڙن کي انهن جي ٻوليءَ ۾ جواب ڏيندا سين، دهشتگردي جي معاملي تي ڪا به سوديبازي نه ٿيندي

پاڪستان جي خودمختياريءَ تي ڪا به سوديبازي نه ڪئي ويندي، غيرقانوني طور ترسيل سمورن پرڏيهين کي واپس وٺڻو پوندو

ڪنهن به عمل جو فوري ردعمل ڏيندا سين، سڄي دنيا ۾ سوشل ميڊيا قانون لاڳو آهن، سوشل ميڊيا قانون اچڻ گهرجن

لاهور: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي صحافين سان گالهائيندي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته پاڪستان تي حملو ڪندڙن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ٽي آءِ اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪري ورتو

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري بحرين نيشنل گارڊ جي ڪمانڊر سان ملاقات ڪندي

راولپنڊي پوليس مراد سعيد ۽ پرويز الاهي جا گرفتاري وارنٽ حاصل ڪري ورتا

9 مئي بابت مختلف ٿاڻن ۾ داخل ڪيسن ۾ ٻنهي جا گرفتاري وارنٽ حاصل ڪيا ويا

مراد سعيد مٿان ڪينٽ ٿاڻي تي دهشتگردي ۽ ٻين سنگين قلمن جي تحت ڪيس داخل ٿيل

راولپنڈي (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ وفاقي وزير مراد سعيد ۽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي خلاف راولپنڈي پوليس 9 مئي بابت مختلف ٿاڻن ۾ دهشتگردي ۽ ٻين قلمن جي تحت داخل ڪيسن ۾ ٻنهي جا گرفتاري وارنٽ حاصل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پاڪستان جوابي فضائي حملا ڪيا، طالبان افغان سرزمين تان حملا روڪن: آمريڪا

ٻئي ملڪ اختلافن جو حل ڪڍن، پر اميد آهيون ته افغانستان ٻيهر دهشتگردي جي محفوظ پناهگاهه نه بڻجي

افغانستان ۾ دهشتگردي جي خلاف ڪارروائين سان شهرين کي نقصان نه پهچي، پاڪستان سان مسلسل رابطي ۾ آهيون

پاڪستان آمريڪا جو هڪ اهم پارٽنر آهي، آمريڪي سفير جي پاڪستاني قيادت سان ملاقات ۾ وسيع معاملن تي ڳالهه ٻولهه ٿي

واشنگٽن (م ڊ) امريڪي پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ونانت پٽيل چيو آهي ته رپورٽ مطابق پاڪستان جوابي ڪارروائي ڪندي افغانستان ۾ فضائي حملا ڪيا آهن، طالبان تي زور ڏيون ٿا ته اهي افغان سرزمين تان ٻين ملڪن تي حملا نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

انٽربئنڪ ۾ ڊالر مهانگو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ سستو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ پئسو مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 278 روپين 64 پئسن تي بند ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 پئسا سستو ٿيڻ کانپوءِ 281 روپين 15 پئسن جو ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) انٽربئنڪ ۾ ڊالر مهانگو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ سستو ٿي ويو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ پئسو مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 278 روپين 64 پئسن تي بند ٿيو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 پئسا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صدر زرداري جي ويزن کي مشعل راهه بڻائڻ جي ضرورت آهي: شازيه مري

پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول پنو چاهي ٿو ته اميرن کي ملندڙ مراعتون غريبن کي رليف ۾ تبديل ٿين

پيپلز پارٽي ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي استحڪام چاهي ٿي، اين ايف سي ايوارڊ صوبن جو آئيني حق آهي

اسلام آباد (م ڊ) پيپلزپارٽي پارليمينٽرينز جي ترجمان شازيه مري چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري جي ويزن ايد نه ٿريڊ ڪي مشعل راهه بڻائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

رمضان ۾ مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو وڏو فيصلو

مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سيني صوبائي وزيرن کي بچت بازارن جا دورا ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

سردار شاهه، سعيد غني، احسان مزاري ۽ نجمي عالم ڪراچي جي بازارن جي صورتحال جو جائزو وٺندا

علي حسن زرداري کي شهيد بينظير آباد ڊويزن ۽ ناصر شاهه ۽ محمد بخش مهر سڪر ۽ لاڙڪاڻي ۾ جائزو وٺندا

ڪراچي (رپورٽر) رمضان مهيني ۾ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت صوبائي وزيرن جي ڊيوٽي لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سيني صوبائي وزيرن کي بچت بازارن جا دورا ڪري سرڪاري اڳهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار برسلز نيو ڪليئر سيڪيورٽي جي سربراهي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ برطانيا روانو

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پنهنجي پرڏيهي دوري تي برطانيا روانيو ٿي ويس پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

حسن ۽ حسين نواز ڪرپشن جي ٽن ڪيسن ۾ بري

ٻڌڻي دوران صفائي واري وڪيل مصباح ۽ نيب پراسڪيوٽر دليل ڏنا

فليگ شپ، ايون فيلڊ ۽ العزيزيه ريفرنسز ۾ بريت جون درخواستون منظور

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي احتساب عدالت فليگ شپ، ايون فيلڊ ۽ العزيزيه ريفرنسز ۾ حسن نواز ۽ حسين نواز کي بري ڪري ڇڏيو. عدالت حسن نواز ۽ حسين نواز جي بريت جون درخواستون منظور ڪري ورتيون. اڄ اسلام آباد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪي پي جي وڏي وزير جا ضمانت نه ٿيڻ جو ڳا گرفتاري وارنٽ جاري

گرفتاري وارنٽ راولپنڈي جي دهشتگردي توڙ عدالت جي جج ملڪ اعجاز آصف جاري ڪيا

عدالت مراد سعيد، شيرين مزاري، شهباز گل ۽ شبلي فراز جا به ضمانت نه ٿيڻ جو ڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا

ستي ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل، عدالت 2 اپريل تي علي امين گنڊاپور کي پيش ڪرڻ جو به حڪم ڏنو

راولپنڈي (م ڊ) خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جا ضمانت نه ٿيڻ جو ڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا. گرفتاري وارنٽ راولپنڈي جي دهشتگردي توڙ عدالت جي جج ملڪ اعجاز آصف جڪيا. عدالت مراد سعيد، شيرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ملير جيل ۾ قيدي جوايبز جي ٽيسٽ هاڪاري اچڻ تي آپگهات

صوبائي وزير علي حسن زرداري نوٽيس ورتو، فوري جاچ جي هدايت

قيدي عزير خان جدون ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو، ايچ آءِ وي جو شڪار هو: شروعاتي رپورٽ

ڪراچي (رپورٽر) مليرجيل ۾ قيدي ايبز (ايچ آءِ وي) جي ٽيسٽ هاڪاري اچڻ تي آپگهات ڪري چڏيو. جيل ڪاني جي وزير جي ترجمان موجب علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز سان ايراني قونصل جنرل ملاقات ڪندي

زين قريشي کي شرم ڪان ٻڌي مرڻ گهرجي: عظميٰ بخاري

ملتان جو اهو علاقو جتي گيس سلنڊر ڏماڪو ٿيو اهو زين قريشي جو پنهنجو حلقو آهي

عمران خان وانگر سنڈس پارٽي جي هر فرد کي لاشن تي سياست ڪرڻي آهي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي اطلاعات ۽ نشريات واري وزير عظميٰ بخاري چيو آهي ته زين قريشي مريم نواز کان پڇڻ بدران شرم کان مرڻ گهرجي. زين قريشي جي بيان تي ردعمل ۾ عظميٰ بخاري چيو ته ملتان جو اهو علاقو جتي گيس سلنڊر ڏماڪو ٿيو اهو زين قريشي جو پنهنجو حلقو آهي. هن چيو ته زين قريشي کي مريم نواز کان پڇڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور ۾ پهريون آءِ ٽي ستي ناهي رهيا آهيون: مريم نواز

مريم نواز جي صدارت هيٺ ڪابينا جو ٽيون اجلاس، سالياني بجيٽ ۽ سپليمنٽري بجيٽ گرانٽ جي منظوري ڏني وئي

نالج سٽي ۾ ڪيمپس ناهڻ لاءِ دنيا جي وڏن تعليمي ادارن کي دعوت ڏني ويندي: اجلاس ۾ ڳالهيون

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز چيو آهي ته لاهور ۾ پاڪستان جو پهريون آءِ ٽي سٽي ناهيو پيو وڃي. وڏي وزير مريم نواز جي صدارت هيٺ ڪابينا جو ٽيون اجلاس ٿيو. جنهن ۾ سالياني بجيٽ ۽ سپليمنٽري بجيٽ گرانٽ جي منظوري ڏني وئي. پاڪستان جي سڀ کان وڏي آئي ٽي سٽي ناهڻ لاءِ زمين سي ڊي اي کي منتقل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نيوسعيدآباد: برف جي ڪارخاني ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب 3 پورهيت فوت، هڪ زخمي

ڪارخاني اندر ڪم ڪندڙ منور ماچي علي بخش ڏاهري ۽ 10 ورهين جو ماجد سولنگي ٿڌي تي فوت ٿي ويا، هڪ زخمي

ڏماڪو ٿيڻ سبب گئس شهر اندر پکڙجي وئي آهي جنهن سبب ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

نيوسعيدآباد (رپورٽر) نيوسعيدآباد شهر ۾ امداد سئيما چونڪ تي بابو عمر اڏي جي برف جي ڪارخاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پي ٽي آءِ جو وفد پاڪ فوج جي شهيدن جي گهرن ۾ ويندو: زين قريشي

جيڪي ماڻهو پاڪ فوج خلاف مهم هلائي رهيا آهن، انهن سان پي ٽي آءِ جو ڪو تعلق ناهي

عدالت ۾ جج ناهي، اسان پنهنجا سڀ ڪم ڇڏي اچون ٿا، 10 ميهنن کان عدالت ۾ پيش ٿي رهيا آهيون

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ زين قريشي چيو آهي ته پي ٽي آءِ پاڪستان جي فوج جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پرويز الاهي جيل واش روم ۾ ڪرڻ سبب زخمي، انتظاميا پاران رپورٽ عدالت ۾ پيش

لاهور جي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ جي جج ارشد حسين پٽا پنجاب اسيمبلي ۾ غيرقانوني پرتين واري ڪيس جي ٻڌڻي

اڊيالا جيل جي ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ پرويز الاهي جي ميڊيڪل رپورٽ پيش ڪئي، پرويز الاهي کي فريڪچر ٿيو آهي: رپورٽ

عدالت جوابدارن جو انگ پورو نه هئڻ تي فرد جرم لاڳو نه ڪيو ۽ فرم جرم لاءِ جوابدارن کي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪري ورتو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ پي ٽي آءِ جي صدر پرويز الاهي واش روم ۾ ڪري پيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

رمضان پيڪيج ۾ اتي جي پاچڪي تي نواز شريف جي تصوير جو معاملو عدالت پهچي ويو

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت طرفان نگهبان رمضان پيڪيج ۾ اتي جي پاچڪي تي ن ليگ قائد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان جوابي فضائي حملا ڪيا، طالبان افغان سرزمين تان حملا روڪن: آمريڪا

ٻئي ملڪ اختلافن جو حل ڪڍن، پر اميد آهيون ته افغانستان ٻيهر دهشتگردي جي محفوظ پناهگاهه نه بڻجي

افغانستان ۾ دهشتگردي جي خلاف ڪارروائين سان شهرين کي نقصان نه پهچي، پاڪستان سان مسلسل رابطي ۾ آهيون

پاڪستان آمريڪا جو هڪ اهم پارٽنر آهي، آمريڪي سفير جي پاڪستاني قيادت سان ملاقات ۾ وسيع معاملن تي ڳالهه ٻولهه ٿي

واشنگٽن (م ڊ) امريڪي پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ونانت پٽيل چيو آهي ته رپورٽ مطابق پاڪستان جوابي ڪارروائي ڪندي افغانستان ۾ فضائي حملا ڪيا آهن، طالبان تي زور ڏيون ٿا ته اهي افغان سرزمين تان ٻين ملڪن تي حملا نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

انٽربئنڪ ۾ ڊالر مهانگو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ سستو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ پئسو مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 278 روپين 64 پئسن تي بند ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 پئسا سستو ٿيڻ کانپوءِ 281 روپين 15 پئسن جو ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) انٽربئنڪ ۾ ڊالر مهانگو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ سستو ٿي ويو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ پئسو مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 278 روپين 64 پئسن تي بند ٿيو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 پئسا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪوئٽي: فلور مل مان چوڪيدار جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو، قتل جو خدشو

خانگي فلور مل مان چوڪيدار گهنشام ميگهواڙ جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو

گدام مان 60 کان مٿي ڪٽڪ جون ٻوريون به گم آهن: مل اختياريون

ڪوئٽي (رپورٽر) ڪوئٽي جي سائيٽ واري علاقي جي فلور مان چوڪيدار جو تشدد ٿيل لاش هٿ ڪيو ويو. خانگي فلور مل مان چوڪيدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڊائو يونيورسٽي ڪتي جي چڪڻ جي ويڪسين تيار ڪري ورتي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائو يونيورسٽي ڪتي جي چڪڻ تي اينٽي ريبيز ويڪسين "ڊائوريب" تيار ڪري ورتي. ڊائو يونيورسٽي جي ترجمان موجب ڊائو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڊائو يونيورسٽي پاران اينٽي ريبيز ويڪسين "ڊائوريب" جو افتتاح ڪندي

پي سي بي هيڊ ڪوارٽر کي قذافي اسٽيڊيم کان ٻاهر منتقل ڪرڻ جو فيصلو

هيڊ ڪوارٽر جي آفيسن کي ڪرڪيٽ هائوس بلڊنگ شفٽ ڪرڻ جو پلان تيار

قذافي اسٽيڊيم ۾ رڳو چيئرمين ۽ ضروري پروفيشنل اسٽاف جي آفيس هوندي

لاهور (م ڊ) قذافي اسٽيڊيم جي آپ گريڊيشن پلان ۾ پي سي بي هيڊ ڪوارٽر جون آفيسون اسٽيڊيم کان ٻاهر منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

شهلا رضا هاڪي فيڊريشن جي پهرين عورت صدر چونڊجي وئي

ڪانگريس اجلاس ۾ 64 مان 54 ميمبر شريڪ، شهلا رضا کي صدارت ڏني وئي

شجاع اقبال پاشا کي هاڪي فيڊريشن جو سيڪريٽري فنانس چونڊيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ جي سينيٽر اڳواڻ ۽ ايم اين اي شهلا رضا کي پاڪستان هاڪي فيڊريشن (پي ايچ اي) جي صدارت ڏني وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جائزي جون ڳالهيون مڪمل، پاڪستان آءِ ايم ايف کي معاشي ڪارڪردگي تي مطمئن ڪري ورتو

پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي جائزي مشن وچ ۾ اقتصادي جائزي جون ڳالهيون مڪمل ٿي ويون

اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ تحت آخري اقتصادي جائزي جي ڳالهين ۾ هاڪاري اڳپرائي رهي: ذريعا

پاڪستان لاءِ 1.1 ارب ڊالرن جي آخري قسط جا واضح امڪان، حتمي اعلان آءِ ايم ايف ڪندو

ڪراچي: اڳوڻو صدر عارف علوي جماعت اسلامي جي اڳواڻ حافظ نعيم جي عيادت ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي جائزي مشن وچ ۾ اقتصادي جائزي بابت ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نواز شريف جو سعودي عرب ۽ لنڊن وچ ۾ جو فيصلو رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ عمرو ادا ڪندو

لاهور (م ڊ) ن ليگ قائد نواز شريف رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ سعودي عرب ۽ يو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو پرائمري استاد الله رکيو جي قتل کي ڪارنهن تڪرار جو رنگ ڏئي ڇڏيو

الهه رکيو نندواڻي کي ڪارنهن جي الزام هيٺ آيلن کي بچائڻ واري معاملي تي پلاٽ ۾ قتل ڪيو ويو: ڊي آءِ جي

جوابدار بگي نندواڻي استاد کي ڏمڪي ڏني هئي ته تو اسان جي ڪاري کي بچايو آهي جنهن جي پلاٽ ۾ اسان تو کي قتل ڪنداسين

سوشل ميڊيا تي ڊي آئي جي لاڙڪاڻو مٿان چتي تنقيد، ڊي آئي جي لاڙڪاڻو کي فوري طور هٽائي واقعي جي اڻ ڏري جاچ جو مطالبو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) تنگواڻي ۾ قتل ٿيل پرائمري استاد الله رکيو جي قتل کي ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ڪارنهن تڪرار جو رنگ ڏئي ڇڏيو آهي جنهن بعد سجاڻ ڏرين ۾ ڪاروڙ واري لهر ڇانٽجي وئي آهي. ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

تنگواڻي ۾ پوليس پاران استاد الله رکيو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ آپريشن

ايس ايس پي بشير احمد بروهي جي اڳواڻي ۾ مختلف ٿاڻن جي پوليس ڏوهارين خلاف آپريشن

ڪچي ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستا سيل ڪيا ويا آهن، جئن ڏاڙيلن جو گهيرو تنگ ڪيو وڃي: پوليس

ڏاڙيلن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو پيو وڃي، علاقي کي ڏوهارين کان صاف ڪرڻ تائين آپريشن جاري رهندو

تنگواڻي (رپورٽر) تنگواڻي ۾ پوليس پاران استاد الله رکيو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي پوليس هڪ مهينو اڳ گم ٿيل پنج چوڪرين کي بازياب ڪرائي ورتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس گم ٿيل 5 چوڪرين کي بازياب ڪرائي ورتو آهي. گم ٿيل چوڪرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: گهرو وزير ضيا لنجار ۽ آءِ جي سنڌ پوليس ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي ڦول لڳائيندي

پي سي بي عيد کان اڳ جيل مان نڪري ايندو: سلمان صفدر

ايف آءِ اي جنهن شڪايت تي ڪارروائي ڪئي وئي، ان ۾ عمران ۽ شاهه محمود جو نالو ئي ناهي

جنهن شڪايت تي ڪارروائي ڪئي وئي، ان ۾ عمران ۽ شاهه محمود جو نالو ئي ناهي

راولپنڈي (م ڊ) پي ٽي آءِ جي وڪيل بيرسٽر سلمان صفدر چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني رمضان کان اڳ جيل کان ٻاهر اچي ويندو. سائفر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لانگ مارچ ڪيس داهه معاملو، عمران خان ٻن ڪيسن مان آجو قرار

جيڪڏهن پي ٽي آءِ باني کي عدالت ۾ آڻڻ وقت ڪجهه ٿيو ته ذميوار ڪير هوندو؟: عدالت

عمران خان اڳ به پاڻ عدالتن ۾ پيش ٿي چڪو آهي، سنڈس موجودگي ۾ دليل ڏيڻ چاهيون ٿا: نعيم پنجوٿا

درخواست پراڊڪشن تي ناهي، پهريان پي ٽي آءِ باني جي بريت جي درخواست تي بحث ڪري وٺو: عدالت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد ۾ جڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت لانگ مارچ دوران پيج داهه جي 2 ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ باني جي بريت جي درخواست منظور ڪري ورتي. اسلام آباد جي جڊيشل مئجسٽريٽ شائستا ڪنڊي لانگ مارچ دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

صدر ۽ وزيراعظم نيب جا گريجوئيٽ آهن: شاهد خاقان عباسي

منهنجو پنجون سال نيب عدالتن ۾ شروع ٿي ويو، پهريان نو سال لڳا هئا، هاڻي ته پنج سال لڳا آهن

سمورا وڏا وزير جيڪڏهن جيل ناهن ويا پر نيب ۾ جاچ ۾ شامل ٿيا، حڪومت جي ذميواري آهي ته نيب جا قانو واپس وٺي

ملڪ جو ڪو آفيسر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ان کي نيب جو ڊپ آهي، ٻڌو هون ليگ چيو آهي ته نيب کي ختم ڪنداسين

اسلام آباد: وفاقي وزير اويس لغاري اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته صدر ۽ وزيراعظم نيب جا گريجوئيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ملڪ ۾ 21 مارچ تي برسات جو هڪ نئون اسپيل داخل ٿيندو: اڪرام الدين

لاهور (م ڊ) ملڪ ۾ هڪ پيرو ٻيهر ڪروٽ لاءِ تيار آهن. چو ته برسات جو هڪ اسپيل ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

چمبڙ ويجهو ڳوٺ بخشو حاجاڻو جي رهواسڻ پاران زيادتي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

مسمات نذيران ڏي ڊوليو حاجاڻو سنڌ پريس ڪلب پهچي عاشق حاجاڻو، عزير حاجاڻو ۽ ٻين خلاف دانهيو

عاشق حاجاڻو ولد وڪيو حاجاڻو عزير حاجاڻو ولد سليم حاجاڻو پندرنهن ڏينهن پهرين زيادتي ڪئي: نذيران

جوابدارن مان مون کي ۽ منهنجي فيملي کي جان جو خطرو آهي، نوٽيس وٺي مون سان انصاف ڪيو وڃي: ڳالهيون

تنڊوالهيار(رپورٽر) چمبڙ شهر ويجهو ڳوٺ بخشو حاجاڻو جي رهواسڻ مسمات نذيران ڏي ڊوليو حاجاڻو سنڌ پريس ڪلب چمبڙ پهچي وحشي درندن عاشق حاجاڻو ولد وڪيو حاجاڻو عزير حاجاڻو ولد سليم حاجاڻو جن جي خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي تفصيل موجب ٽاؤن ڪميٽي چمبڙ ۾ شامل ڳوٺ بخشو حاجاڻو جي رهواسڻ مسمات نزيران زال پنهون پنهنجي والد ڊوليو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ميرپور ساڪرو جي شيخ زيد اسپتال ۾ دوائن جو ڪوٽ خلاف قومي عوامي تحريڪ نٿو پاران احتجاج

قومي عوامي تحريڪ نٿو پاران ڪراچي ڪيٽي بندر روڊ تي ڌرڻي سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي

احتجاج دوران سوين مسافر قاتل رهيا ۽ شهر جا سمورا لنڪ روڊ بند هجڻ سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويو

ڌرڻو هٽندڙ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ياسر جاڪرو. حبيب الله پليجو ۽ مرتضيٰ لاشاري کي گرفتار ڪيو ويو

نٿو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ميرپور ساڪرو جي شيخ زيد اسپتال ۾ دوائن جو ڪوٽ ۽ اسپتال جي زمين نيلام ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ نٿو پاران ڪراچي ڪيٽي بندر روڊ تي ڌرڻي سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي جنهن ڪري سوين مسافر قاتل جڏهن ته شهر جا سمورا لنڪ روڊ بند هجڻ سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويون سوين مسافر پريشان قومي عوامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نٿو: قومي عوامي تحريڪ پاران شيخ زيد اسپتال ۾ سهولتون نه هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ننگر پارڪر لڳ ڳوٺ ڇڇي ڪپري جي پورهيت جو گهر سڙي ويو، سهائتا جي اپيل

مٺي(رپورٽر) ننگر پارڪر لڳ ڳوٺ ڇڇي ڪپري جي مسڪين فتح علي ڪپري جي گهرن کي ڪل صبح جو باهه لڳي هئي پر هن مسڪين وٽ ڪير به نه ويو نه ڪنهن چينل تي خبر لڳي چو ته هي هڪ مسڪين غريب ماڻهون آهي جيڪو مٺيءَ جي فيڪٽري تي تاريخ تي ڪم ڪندڙ آهي هن جي گهر ۾ ڪجهه به ناهي هن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نٿون ڪوٽ جي هريجن ڪالوني جي پرائمري اسڪول جي ڇت سالن کان ڊٽل، اختيارين خاموش

شديد گرمي سبب اوڏ آڏ ٻارڙن اسڪول اچڻ ڇڏي ڏنو، لاڳاپيل ڪاتي ڪوبه تحرڪ نه ورتو آهي: رهواسي

هريجن ڪالوني ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال ٿيڻ بعد انهي ڇت ڪري پٽ پئجي وئي

تعليم پرائيندي هر وقت زندگي خطري ۾ رهندي آهي، خوف سبب اسان جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي

نٿون ڪوٽ(رپورٽر)نٿون ڪوٽ جي هريجن ڪالوني جي پرائمري اسڪول جي ڇت سالن کان ڊٽل، ٻارڙا ڪلي آسمان هيٺ اس ۾ تعليم پرائن لڳا، گرمي سبب اوڏ آڏ ٻارڙن اسڪول اچڻ ڇڏي ڏنو، لاڳاپيل ڪاتي ڪوبه تحرڪ نه ورتو خير مرجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نٿون ڪوٽ: هريجن ڪالوني ۾ بغير ڇت جي اسڪول ۾ ٻارڙا ويٺل آهن

جهرڪ سائيڊ برانچ ۾ ڪاري پٿر جا مزدور وهنجندي ٻڏي ويا

نٿو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) جهرڪ سائيڊ برانچ ۾ ڪاري پٿر جا مزدور وهنجندي ٻڏي ويا هڪ کي بچايو ويو ٻئي جي ڳولا جاري. ٻڏي ويل هڪ مزدور جمع خان کي بچايو ويو جڏهن ته ٻڏي ويل مزدور عالم خان جي ڳولا جاري آهي. علاقي واسين پهچي هڪ مزدور کي بچائي ورتو جڏهن ته ايس ايچ او جهرڪ امير بخش کوسو مطابق/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺاروشاهه پرائمري گرلس اسڪول جي ماسٽرياڻي ۽ سنڌس پٽ شهرين کان فراڊ ڪري ويا

گوسڙو ماسٽرياڻي غريبن کي قرض جي رقم واپس ڏيڻ بجاءِ انهن کي ڌمڪيون ڏيڻ لڳي

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

ٺاروشاهه (رپورٽر راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه پرائمري گرلس اسڪول جي ماسٽرياڻي اسماءَ ميمڻ سنڌس پٽ مدثر ميمڻ غريبن جي رقمو هڙپ ڪري پٽ ڏان گولو بڻجي ويو ۽ سنڌس ماءُ گوسڙو ماسٽرياڻي غريبن کي قرض جي رقم واپس ڏيڻ بجاءِ انهن کي ڪڙڻ ڪيسن ۾ اغواه قتل ڪرائڻ جون ڌمڪين جو سلسلو جاري خير مرجب وقار ميمڻ پريس ڪلب ٺاروشاهه ۾ هجي صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

شهيد بينظير آباد ضلعي ۾ ڪٽڪ جو فصل تيار ٿي ويو، خوراڪ ڪاتي پاران مرڪز قائم

خوراڪ ڪاتي پاران ڪٽڪ جي خريداري جا مرڪز قائم ڪري هارين کي پڌاڻ فراهم ڪري ڇڏيا هئا

خوراڪ ڪاتي پاران ڪٽڪ جي خريداري جو هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو، آبادگار سخت پريشان آهي

اٽو 150 رپيا في ڪلو کان وڌيڪ وڪرو ٿي رهيو آهي، ڪٽڪ جو في مڻ اڳهه 4 هزار رپيا مقرر ڪيو ويو آهي

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪمار اوڊ) سڄي ملڪ ۾ ڪٽڪ جا اڳهه وڌڻ کان اڳ. شهيد بينظير آباد ضلعي ۾ ڪٽڪ جو فصل تيار ٿي ويو آهي ۽ فيبروري جي آخر ۾ ڪٽڪ جو فصل مارڪيٽ ۾ اچي ويندو آهي ۽ خوراڪ ڪاتي پاران ڪٽڪ جي خريداري شروع ڪندي ڪٽڪ جي خريداري جا مرڪز قائم ڪري هارين کي پڌاڻ فراهم ڪري ڇڏيا هئا. گذريل سال خوراڪ ڪاتي پاران ڪٽڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سجاول ۾ نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي عبدالخالق پيرزادو جي شاندار آڇيان، عملدارن پاران آڇيان

ايس ايس پي ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو سجاول جي چارج سنڀالڻ بعد امن و امان جي حوالي سان گڏجاڻي ڪئي

ڏوهارين، منشيات فروشن، گٽڪو وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رکيو وڃي، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي

سائلين سان حسن سلوڪ سان پيش اچو. سنڌن عزت نفس جو خيال رکيو وڃي، سنڌن مسئلا ٻڌي فوري حل ڪيا وڃن

سجاول:(رپورٽر: ممتازعلي نهڙيو) ايس ايس پي ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو ايس ايس پي آفيس پهچڻ تي ايس ايس پي صاحب جو شاندار استقبال ڪيو ويو. ايس ايس پي ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو ضلع سجاول جي چارج سنڀالڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سجاول: ايس ايس پي ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو کي سلامي ڏني پئي وڃي

گمبٽ جي رهواسي ديوان برادري سان تعلق رکندڙ واپاري پاران احتجاجي مظاهرو

گمبٽ(رپورٽر) گمبٽ جي رهائشي پورهيت ديوان برادري سان تعلق رکندڙ مينڪش ڪمار عوامي پريس ڪلب گمبٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته گمبٽ جو هڪ بليڪ ميلر ممتاز ميمڻ مختلف نموني سان بليڪميل ڪري رهيو آهي ۽ منهنجي جي خلاف فيس بوڪ تي منشيات هلائڻ جون ڪوڙيون پوسٽيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين مان چونڊيل ايم اين اي رسول چانڊيو پاران تڪ جي ماڻهن سان ملاقاتون

تڪ مان وڏي انگ ۾ ماڻهو سنڌس آفيس پهتا جن اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا

شوڪت حسين ملاح ڊي اي او پرائمري محمد صالح ڪوريجو ٽي اي او سيڪينڊري ۽ ٻيا موجود

عنايت چانڊيو، چاچا محمد علي چانڊيو، ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو، ايڊووڪيٽ منظور چانڊيو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

بدين(رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) بدين مان چونڊيل ايم اين اي سردار حاجي رسول چانڊيو بدين پهچي چانڊيو هائوس تي تڪ جي ماڻهن سان ملاقات ڪئي ۽ سنڌن مسئلا معلوم ڪيا ان موقعي تي سنڌس تڪ مان وڏي انگ ۾ ماڻهو سنڌس آفيس پهتا جن ڪيس اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا ڏنا ۽ پنهنجن پنهنجن علائقن جي مسئلن بابت ڪيس آگاهي ڏني جنهن مان ڪيترن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سچي ملڪ ۾ بدامني ۽ سنڌ ۾ ڏاڙيل راج آهي، ڪنهن جي جان ۽ مال محفوظ ڪونهي: سراج الحق

هتان جا ظالم وڏيرا مڊل مين جو ڪردار ادا ڪندي ڏاڙيلن توڙي مغوين جي وارثن کان پنهنجو حصو وٺن ٿا

هي ڪو پارٽ جو علائقو نه آهي حڪومت، فوج، جديد هٿيارن ۽ ٽينڪ موجود آهن، پر رياست اندر رياست قائم آهي

عبدالحفيظ بجارائي جي ديني، عوامي ۽ سياسي توڙي سماجي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) اميرجماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق چيو آهي ته سچي ملڪ ۾ بدامني ۽ سنڌ ۾ ڏاڙيل راج آهي، ڪنهن جي جان ۽ مال محفوظ ڪونهي، سچي ملڪ مان ماڻهن کي اغوا ڪري هتي آندو ويندو آهي ۽ هتان جا ظالم وڏيرا مڊل مين جو ڪردار ادا ڪندي ڏاڙيلن توڙي مغوين جي وارثن کان پنهنجو حصو وٺن ٿا. هن ريجن ۾ پينگ لاءِ اغوا هڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي: اميرجماعت اسلامي سراج الحق جنازي نماز پڙهائي رهيو آهي

سعيدآباد ڳوٺ نيول جي رهواسڻ ناري پاران پيار جي پرٿي بعد احتجاجي مظاهرو

هالائي (رپورٽر) سعيدآباد ڳوٺ نيول جي رهائش پزير صائمه بروهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته 8 مهينا اڳ مان پنهنجي رازخوشي سان ستي ڪورٽ ڪراچي ۾ گل محمد ولد صاحب خان لاشاري سان نڪاح ڪيو آهي مونکي نه ڪنهن اغوا ڪيو آهي ۽ نه ئي پڇايو آهي مان پنهنجي رازخوشي سان پنهنجي مائٽن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

جهڏو ۾ جوابدارن جو پورهيت جي گهرتي حملو، نينگري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

ڳوٺ ياسين ڪنبوءَ جي رهواسي پورهيت ڏيوراج ريباري پاران ميڊيا سينٽر آڏو مظاهرو ڪيو ويو

پريت ريباري، پيرو ريباري، روو ريباري، منهنجي گهرتي حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو: پورهيت

جهڏو(رپورٽر)جهڏو ۾ جوابدارن جو پورهيت جي گهرتي حملو، 14 سالا نينگري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، پيرسن پيءُ تشدد ۾ زخمي، جهڏو پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي نه ڪئي، متاثرين جو احتجاج انصاف جو مطالبو خير موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

جهڏو: ڳوٺ ياسين ڪنبوءَ واسي ٻاڻن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

تعلقا ايجوڪيشن آفيسر پرائمري فيميل روهڙي خلاف ميڊيا تي خبرون شايع ٿيڻ جو نوٽيس

خبرون شايع ٿيڻ بعد روهڙي جي ماسٽرياڻين پاران هڪ ٻيو شڪايتي ليٽر جاري ڪيو ويو آهي

تعلقي ۾ نياڻين کي پڙهائيندڙ فيميل ٽيچرز کي چپ رهڻ لاءِ طرح طرح جا حربا هلائي رهيا آهن

سڪر(بيورو رپورٽ) تعلقا ايجوڪيشن آفيسر پرائمري فيميل روهڙي خلاف ميڊيا تي خبرون شايع ٿيڻ بعد روهڙي جي ماسٽرياڻين پاران هڪ ٻيو شڪايتي ليٽر جاري ڪري چيو آهي ته اي تي او فرحانا جي ظلمن خلاف صحافين کي خط لکيو هو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

رمضان شريف جو پهرين ڏهاڪو رحمت ٻيو ڏهاڪو برڪت جو آهي: غلام مصطفيٰ جت

روزو ارڪان اسلام مان هڪ اهم رڪن ۽ عظيم الشان عبادت آهي، ڪيترائي ڏوهه بخش تا

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي تابعداري ڪرڻ ۾ ئي ڪاميابي ۽ ڪامرائي آهي: ڳالهيون

ڏڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ڏڙو: رمضان شريف جو پهرين ڏهاڪو رحمت ٻيو ڏهاڪو برڪت ۽ تيو ڏهاڪو چوٽڪارو يعني جهنم کان آزادي وارو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سڪرنڊ ۾ مڪي مسجد ويجهو رهندڙ شهري جي واش روم ۾ گئس کي باهه وڪوڙي وئي

واش روم ۾ گئر لائين جي ذريعي داخل ٿيندڙ گئس کي باهه وڪوڙي وئي، به جڻا زخمي ٿي پيا

لائينن چيڪ ڪري ليڪ ٿيندڙ گئس کي بند ڪري شهرين جي بيچيني دور ڪئي وڃي: شهري اڳواڻ

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪمار اوڊ) سڪرنڊ ۾ مڪي مسجد ويجهو رهندڙ عبدالرشيد خانزاده جي واش روم ۾ گئر لائين جي ذريعي داخل ٿيندڙ گئس کي باهه وڪوڙي وئي، باهه سبب به جڻا معمولي زخمي ٿي پيا. جيئن ته شهر ۾ گئس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سڪر جي نئين ايس ايس پي سمير احمد چناچارج سنڀالي ڪر جو آغاز ڪري ڇڏيو

ڊاڪٽر سمير نور چنا کي آفيس پهچڻ تي سڪر پوليس جي دستي ڪيس سلامي ڏني

منهنجو اسٽاف محنت، لگن، ايمانداري ۽ نيڪ نيتيءَ سان فرض سرانجام ڏيندو: ڳالهيون

سڪر(بيورو رپورٽ) سمير احمد چنا ايس ايس پي سڪر جي چارج سنڀالي ورتي ۽ ڪم جو آغاز ڪري ڇڏيو نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي سڪر ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سڪر: ايس ايس پي ڊاڪٽر سمير احمد چنا کي اهلڪار سلامي پيش ڪري رهيا آهن

تنڊو محمد خان ۾ الله رکيو نندواڻي جي قتل خلاف استادن پاران احتجاجي مظاهرو

مين پرائمري اسڪول ڪان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شفيع محمد سنيو، عارف قريشي، شاهنواز مهر، غلام حسين ڪاتيار ۽ ٻين مظاهرو

تنڊومحمدخان (ڊرائيور علي بروهي) پرائمري استاد الله رکيو نندواڻي جي قتل، سنڌ ۾ وڌندڙ لاقانونيت ۽ استادن جي ٽارگيٽ ڪلنگ خلاف ب ٺ الف ضلعي تنڊومحمدخان پاران مين پرائمري اسڪول ڪان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

تنڊومحمدخان: ب ٺ الف پاران استاد الهرکيو نندواڻي جي قتل واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مليرجيل ۾ قيدي ايڊز جي تصديق بعد آپگهات ڪري ڇڏيو، صوبائي وزير نوٽيس ورتو

جيل ۾ قيدي عزيز خان جدون ايڊز جي تصديق ٿيڻ تي ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي

قيدي کي ايڊز ٿي ويو هو جنهن سبب هو ذهني دباءَ جو شڪار ٿي ويو هو: آئي جي جيل ڪاتو

مليرجيل (ڊ ـ ر) مليرجيل ۾ قيدي ايڊز جي تصديق ٿيڻ تي آپگهات ڪري ڇڏي. جيل خاني جي وزير حاجي علي حسن زرداري پاران نوٽيس. جاچ ڪرڻ جي هدايت. تفصيل موجب گذريل ڏينهن مليرجيل ۾ قيدي ايڊز جي تصديق ٿيڻ تي آپگهات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سڪرنڊ عظيم ڪالوني ۾ ٻچن جو پيٽ گذر ڪندڙ پورهيت جي گهران چوري

غفار راجپوت جي گهر ۾ گهڙي چور نياڻيءَ جو ڏاج ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا

اسين مسڪين ماڻهو آهيون، اسان جي مدد ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي: مطالبو

سڪرنڊ(رپورٽ: راج ڪمار اوڊ) عظيم ڪالوني سڪرنڊ مان ريڙهو هلائي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندڙ فالج جي مريض پورهيت غفار راجپوت جي گهر ۾ گهڙي چور نياڻيءَ جو ڏاج ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا. جيئن ته سڪرنڊ پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سڪرنڊ: عظيم ڪالوني واسي پورهيت چوري واقعي جا تفصيل ميڊيا کي ٻڌائي رهيو آهي

ماهي بخشي نقشبندي مفڪر ولادت باسعادت درگاهه رحمت پور شريف لاڙڪاڻو ۾ ٿي: اڳواڻ

خطي ۾ ڦهلي اولياءَ الله پيغمبران علي ۽ سلام جي تعليمات کي عام ڪرڻ جو ذريعو آهن

پاڻ فڪري انقلاب، اخلاق و روحاني انقلاب، تعليمي انقلاب ۽ معاشي انقلاب جو پيغام ڏنو

سڪر(رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) دنيا جو سڄڻ سڄڻ سائين جماعت اصلاح المسلمين سنڌ سنڌ اولياءَ ۽ صوفين جي ڌرتي آهي. هن سرزمين تي عظيم ۽ باڪمال شخصيت. عالم اسلام جي عظيم مفڪر ۽ عالم اسلام جي قابل فخر فرزند./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سڪر ۾ نوجوان پاران ٽائي تان موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

موٽرسائيڪل چالان ڪرڻ لاءِ پوليس وارن ٽائي تي ڪاهي گهر ڪري ڇڏي آهي: نوجوان

ٽائي جا پوليس اهلڪار به مقرر ڪيا وڃن تا جيڪي ساڳيائي چور ۽ ساڳيائي چوڪيدار آهن

سڪر(بيورو رپورٽ) موٽرسائيڪل بغير لاڪ هجڻ سبب 550 ۾ چالان ڪرڻ لاءِ پوليس وارن ٽائي تي ڪاهي گهر ڪري ڇڏي آهي نوجوان جو پوليس خلاف احتجاج بائيڪ واپس ڪرائڻ جي اپيل تفصيل موجب عبدالعزيز ڊنبڻ سڪر پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سامارو روڊ جو ڪم رولڙي ۽ سست رفتاري جو شڪار، اختيارين خاموش تماشائي، احتجاج

روڊ جي مسئلي تي متبادل نه هجڻ سبب ڪيترائي ماڻهون پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن

مختلف هنڌن کان ايندڙ بسون به مسافرن کي روڊ شهر کان هڪ کان 2 ڪلو ميٽر پري ڇڏيو وڃن

نبي سرموري جي ڪم کي جلد کان جلد مڪمل ڪرايو وڃي ته وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهون

سامارو(رپورٽر)سامارو روڊ عمرڪوٽ ڪوٽ غلام محمد سامارو روڊ نندن توڙي وڏن اسٽاپن کي ملائيندڙ نبي سرموري جو ڪم رولڙي ۽ سست رفتاري جو شڪار متبادل نه هجڻ سبب ڪيترائي ماڻهون پريشاني کي منهن ڏيي رهيان آهن خبر موجب سامارو عمرڪوٽ کي مين روڊ جي نبي سرموري کي ڪيترائي ڏينهن گذرڻ باوجود موري جو مڪمل نه ٿي سگهي سامارو روڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

غوثپور ۾ جمال ٽاڻي جي حد مان اڻڄاتل هٿيارين کان قتل ٿيل استاد جي جوابدارن خلاف احتجاج

الله رکيو نندواڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پ ٺ الف ۽ گستا جي استادن ۽ شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪيو

سيد سليم شاهه جيلاني مين پرائمري اسڪول هيڊ ماسٽر لياقت علي شاهه جيلاني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي

قتل ڪري هٿيار بند آساني سان فرار ٿي ويا پر پوليس هن وقت تائين جوبدارن جي گرفتاري لاءِ ڪي به اپاءَ ناهن ورتا: اڳواڻ

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور هڪ ڏينهن اڳ جمال ٽاڻي جي حد مان اڻڄاتل هٿيارين کان قرب دوران قتل ڪيل پرائمري اسڪول جي استاد الله رکيو نندواڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پ ٺ الف ۽ گستا جي استادن ۽ شاگردن جو پ ٺ الف جي صدر سيد منير احمد شاهه جرنل سيڪريٽري ميرحسن ٻيو گستا اڳواڻ سيد سليم شاهه جيلاني مين پرائمري اسڪول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

غوثپور: پ ٺ الف پاران استاد الهرکيو نندواڻي جي قتل واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادڪوٽ جي اين اي 196 تي ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺڻ لاءِ فارمن جي چنڊ چاڻ شروع

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ جي قومي تڪ اين اي 196 تي ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺڻ لاءِ داخل ڪرايل نامزدگي فارمن جي چنڊ چاڻ شروع ڪئي وئي آهي. چنڊ چاڻ جي ڀهرين ڏينهن پيپلزپارٽي جي اميدوار خورشد احمد جوڻيجو، جي يو آءِ اڳواڻن مولانا راشد محمود سومرو ۽ ناصر محمود سومرو سميت 6 اميدوارن جا فارم بحال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پيپلز پارٽي جي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو جو سڪرنڊ جي اسڪولن جو دورو

ايم پي اي غلام قادر چانڊيو گورمينٽ گرلز هائي اسڪول اقرا ۽ بوائز هاءِ اسڪول جو دورو ڪيو

اسڪول ۾ 3200 شاگرد تعليم پرائي رهيا آهن پر اسان وٽ ڪمرن جو تعداد گهٽ آهي: هيڊ ماسٽر

دوري ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو صدر رضامحمد سيال ڪائونسلر جاويد سومرو الهيار ڪوڪر ۽ ٻيا شامل هئا

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪمار اوڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو جو سڪرنڊ جي اسڪولن جو دورو ڪيو جتي هاءِ اسڪول بوائز هاءِ اسڪول جو دورو ڪيو جتي هاءِ اسڪول جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڪرنڊ: پ ٺ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو اسڪول جو دورو ڪري رهيو آهي

ماتلي جي ايس ڊي او پاران صحافي تي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ خلاف احتجاج

ماتلي (رپورٽر) ايس ڊي او ماتلي پاران صحافي تي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاجي مظاهرو ان موقعي تي صحافين محمد ايوب شيخ ، واحد سولنگي ، محمد اعظر ڪنيار ، شهمير عباسي ،فيصل سومرو ، عامر شيخ ، پڳو تريواڙيو ۽ ٻين چيو ته ايس ڊي او ماتلي صحافي عامر شيخ تي ڪوڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پيري مان چوري جي الزام هيٺ گرفتار جوابدارن تي ڊيوٽي اتڪاءَ هٿيار رکڻ جا 2 ڪيس داخل

احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ 30 ماڻهن مٿان دهشتگردي ايڪٽ تحت ٽاڻي تي حملو ڪرڻ جو ڪيس داخل

دخان مري، سليم ابڙو، پرويز ابڙو، محمد ستار مري، محبت علي ابڙو، عمر گل مري کي گرفتار ڪيو ويو آهي

ملير (رپورٽر) پيري مان چوري جي الزام هيٺ گرفتار مختيار لاشاري آصف ابڙو مٿان چوري ۽ ڊيوٽي اتڪاءَ هٿيار رکڻ جا 2 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ ٽاڻي اڳيان احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ 30 ماڻهن مٿان دهشتگردي ايڪٽ تحت ٽاڻي تي حملو ڪرڻ، زبردستي جوابدار ڇڏائڻ ۽ سرڪاري ڪم ۾ مداخلت ڪرڻ جا قلم شامل ڪري 12 جڻن جي گرفتاري به ظاهر ڪئي وئي آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپور ۾ مختلف هنڌن تان 4 ماڻهو اغوا، انڊس هاءِ وي ناپر ڪوٽ ٽاڻي آڏو احتجاج، ڌرڻو

سئي گئس آفيس مان هڪ چوڪيدار سميت به جڻا اغوا ٿي ويا، شڪارپور ضلعو بدامني جي ور چڙهيل

سوئي گئس آفيس تي ملازم عبدالستار عرف خان سينار، گلشير سينار رات ديرسان مبينا طور اغوا ٿي ويا

آپريشن لاءِ هڪ به قدم اڳتي وڌائي اثرائتي ڪاروائي نه ڪرڻ سبب ڏوهاري وڏيڪ سگهارا نظر اچي رهيا آهن

خانپور(رپورٽر: عتيق ابڙو) مختلف هنڌن تان چار ماڻهو اغوا ،ڪرمپور لاڙو تي دوڪان تي ڪم ڪندڙ ۽ مستري الهورايو پهوڙ ،جنيسر پهوڙ اغوا رستم ويجهو سئي گئس آفيس مان هڪ چوڪيدار سميت ٻه اغوا ،شڪارپور ضلعو بدامني جي ور چڙهيل ، پهوڙ برادري ٻن مستري نوجوانن جي اغوا خلاف ۽ بازياب لاءِ انڊس هاءِ وي ناپر ڪوٽ ٽاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري هئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهرو فيروز ميونسپل ڪميٽي جي نئين چونڊيل چيئرمين گندگي جو آزار ختم نه ڪرائي سگهيو

شهر ۾ هر طرف گندگي جا ڍير ۽ گٽرن جو پاڻي بيهڻ ڪري شهري سراپا احتجاج بڻجي چڪا آهن

مرتضيٰ مشوري- ڏگاڻو لاشاري- قاضي برڪت ۽ ٻين ميونسپل انتظاميه خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

ميونسپل انتظاميه ڪروڙين روپين جي ملندڙ بجيٽ صفائي تي خرچ ڪرڻ بدران خرد برد ڪري رهي آهي

نوشهروفيروز(رپورٽر) نوشهروفيروز ميونسپل ڪميٽي جي نئين چونڊيل چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ جي اچڻ باوجود نوشهروفيروز شهر تان گندگي جو ڏمر نه لٿو هر طرف گندگي جا ڍير ۽ گٽرن جو پاڻي بيهڻ ڪري شهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: گندگي جي آزار خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

نٿي جي ڪوهستاني يوسي جنگهڙي ۾ پڪين ۽ ٻين جانورن سان گڏ هاڻي سانڍي جانورن جي به نسل ڪشي

نٿو(رپورٽر) نٿي جي ڪوهستاني يوسي جنگهڙي ۾ پڪين ۽ ٻين جانورن سان گڏ هاڻي سانڍي جانورن جي به نسل ڪشي شروع ٿي ويئي، واڻڻ لائيف ڪاتي ڪوبه تحرڪ نه ورتو. ان سلسلي ۾ يوسي جنگهڙي جي ڪيترن ئي ڪوهستان واسين دانهيندي چيو آهي ته. ڪوهستاني پٽي ۾ پڪين ۽ ٻين جانورن بعد هاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

پيري ۾ پوليس ڪارروائي، لوهچوري جي الزام هيٺ 2 جڻا گرفتار، چڪرين علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو

پوليس جي وڏن اٽالن لوهچوري جي الزام هيٺ بن جڻن مختيار لاشاري ۽ آصف ابڙو گرفتار ڪري ورتو آهي

علائقي واسين جو بن قاسم ٽاڻي اڳيان احتجاج، چڪرين، علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو، پوليس اٽالا طلب

ڏوهارين جي ساٿارين ٽاڻي حملو ڪيو آهي حملو ڪندڙن مٿان ڪيس داخل ڪري رهيا آهيون: ايس ايس پي ملير

ملير (رپورٽر فاروق پنگوار) پيري ۾ پوليس ڪارروائي، لوهچوري جي الزام هيٺ 2 جڻا مختيار لاشاري ۽ آصف ابڙو گرفتار، علائقي واسين جو بن قاسم ٽاڻي اڳيان احتجاج، چڪرين علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو، وڏيڪ پوليس اٽالا طلب، ٽاڻي اڳيان 12 ماڻهن گرفتا، منهنجو ڪنهن به ڏوهه ۽ واردات سان ڪو واسطو ناهي مختيار لاشاري، چوري جي ڪيس ۾ هڪ جڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين جي اڪرم واهڃي ڪيڻ سب ڊويزن کي ٻن مهينن کان پاڻي جو گيج پورو نه ملڻ سبب فصل تباهه

آبادگارن عبدالغفار لاشاري عبدلغفور چانڊيو گل محمد گرگيز حسن علي شاهه عبدالرسول لاشاري احتجاج ڪيو

ڪيڻ سب ڊويزن جي آبادگارن کي پنهنجي حصي جو پا

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 20 مارچ 2024ع

سنڌ خيرَ جي خبر لاءِ سِڪي وئي آهي!

سنڌ جا حڪمرانو! اوهان جي سريخت جو خير هجي، پر جي دل جي ڳالهه پڇو تہ اوهان جي صاحبيءَ ۾ سنڌ خيرَ جي خبر لاءِ سِڪي وئي آهي. سنڌ جي ان ئي حالت جي ڪري اڄ اسان روايتي انداز ترڪ ڪري، غير روايتي انداز ۾ سڌيءَ ريت توهان سان مخاطب ٿيڻ لاءِ مجبور ٿيا آهيون. توهان ان سياسي تنظيم جا نمائنده آهيو، جنهن جو هن ملڪ ۾ جمهوريت تي سڀ کان وڌيڪ خرچ ٿيو آهي، جنهن جي دعويٰ آهي تہ، اُن جي جلسن ۾ ميڙاڪن ۾ ايندڙ ڪنهن 'ريٽنٽ اي ڪرائوڊ' واري هَٿ جو وڪر ناهن. توهان جي اهڙي دعويٰ جي ڪري اسان پنهنجي ڳالهه توهان سان سڌي تخاطب جي ذريعي اورڻ سهل سمجهون ٿا. چو تہ، اسان "اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي؟" واري هيڪ محسوس نٿا ڪريون.

جيئندا قبلا! اوهان جي جاهہ ۽ جلال جو خير! پر اوهان جي صاحبيءَ ۾ سنڌ خيرَ جي خبر لاءِ سِڪي وئي آهي. اڄ اسان اُن سنڌ بابت اوهان جي ڳالهه اوهان سان هيئن ٿا ڪريون تہ، اوهان تاريخ ۾ سانت ۽ سڪون جي سرزمين کي تباهيءَ ۽ بدامنيءَ جي تحت اُٿريٰ ۾ اُڇلائي ڇڏيو آهي. سايا پنج هزار سال پراڻن مهين جي ڏڙي جي آڌارن جهڙو به اوهان سنڌ کي نہ ڇڏيو آهي. انهن آڌارن ۽ هاڻوڪي سنڌ جي پيٽ ڪري ڏسڻ سان ئي سڄي ڳالهه سمجهہ ۾ اچي ويندي.

مسند نشينو! اوهان جي سريخت جو خير پر اوهان جي بادشاهيءَ ۾ سنڌ خيرَ جي خبر لاءِ سِڪي وئي آهي. شايد ئي ڪو ڏينهن هُجي جو سنڌ ڏاڙيلن جي هٿيارن جا ڏڪا ٻڌي هِيسل هرٿيءَ وانگر ڪنبندي نہ هجي. سنڌ جا 51 کان به وڌيڪ ماڻهو ڏاڙيلن وٽ پنگ خاطر يرغمال بڻيل آهن پر اوهان وقت جا بادشاهہ آهيو ۽ بادشاهہ بي پرواهہ هوندا آهن. غريب غربي جي اوهان کي ڪهڙي پرواهہ، جيڪا خلق وٽ ڏيڻ جي مشين ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ به نہ آهي. يقينن اوهان اهو ضرور ٻڌو هوندو تہ سنگرار جي نياڻي پريا ڪماري پنهنجي گهر اڳيان ڪنيجي وئي هُئي، جنهن کي ٻن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي پر ڇا ڪجي اوهان حڪمرانيءَ کي شايد دل پشوري سمجهي ورتو آهي.

عاليجاها! اوهان جي زرق برق زندگيءَ جو خير پر ويساهہ ڪريو تہ سنڌ اوهان جي صاحبيءَ ۾ خيرَ جي خبر لاءِ سِڪي وئي آهي. اسان کي اوهان جي گوناگون مصروفيتن جو احساس آهي. اوهان کي پريس ڪانفرنسون به ڪرڻيون آهن، معاملن جا نوٽيس به وٺڻا آهن. ٿي وي ٽاڪ شوز ۾ به شرڪت ڪرڻي آهي، پر انهن مصروفيتن مان ٿورڙو وقت سنڌ جي امن امان لاءِ نڪري سگهي ها تہ سنڌ ۾ هِيءَ حالت نہ هجي ها. سنڌ جا 51 کان وڌيڪ مغوي ڏاڙيلن جي گرفت ۾ آهن، ڏاڙيلن انهن تي تشدد ڪري، انهن جون ويڊيوز وائرل ڪن ٿا. اهي ويڊيوز جڏهن انهن مغوين جا گهر ڀاتي ڏسندا هوندا تہ انهن تي ڇا گذرندي هوندي، اها ڳالهہ اوهان جهڙا حساس دل حڪمران ئي سمجهي سگهن ٿا. ڏاڙيلن تہ پنگ نہ ملڻ جي ڪري تازو هڪ مغوي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. اهو تہ ڪونهي تہ اوهان جي ماتحت پوليس جي ڪارڪردگي نظر نٿي اچي. رڳو به ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي ۾ احتجاج جو جمهوري حق استعمال ڪندڙن تي، جن ۾ نياڻيون به شامل هيون، پوليس بدترين تشدد واري پنهنجي صلاحيت مجرائي آهي. نياڻين کي گرفتار ڪيو ويو. مردن تي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جن ۾ پوڙهو اديب، سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل تاج جويي جا پٽا پوليس جي ڪارڪردگيءَ جي چٽي عڪاسي ڪن ٿا پر ٻئي طرف ڏاڙيل آهن. جن جي اڳيان پوليس بيبس بڻيل آهي.

عاليجاها! توهان جي بادشاهيءَ جو خير، پر يقين ڄاڻو تہ توهان جي صاحبيءَ ۾ سنڌ خيرَ جي خبر لاءِ سِڪي وئي آهي. سنڌ جا مغوي تہ ڏاڙيلن وٽ يرغمال بڻيل آهن پر رياستي قانون ۽ توهان جي اٿارٽي به انهن ڏاڙيلن وٽ يرغمال بڻيل آهي، اوهان بجا ٿا فرمايو تہ، سنڌ ۾ امن آهي. ظاهر آهي تہ ڪماڻوزجي گهيري ۾ هلندڙن، بلٽ پروف شيشن پويان بيهي پنهنجي عوام سان مخاطب ٿيندڙن لاءِ ڪهڙي بدامني؟ ڪهڙا ڏاڙيل؟ پر اهي مسڪين ماڻهو ڪيڏانهن وڃن، جيڪي قانون جي عملداريءَ ۽ اوهان جي حڪمرانيءَ جي ڏَڙي تي گهران نڪرن ٿا تہ اغوا ٿي وڃن ٿا. اوهان جو بخت بالا ۽ اقبال بلند هجي. اسان جو سوال رڳو اهو آهي تہ، ڇا انهن کي قانون جي اوٽ ۽ اجهو، تحفظ ملي سگهندو؟ انهن کي ڏاڙيلن جي گرفت مان ڇڏرائڻ لاءِ ڪو تحرڪ ورتو ويندو، هِي ماروئڙا فقير ڪنهن در ڏينندا دانهڙي!

بڻايا ✻✻✻ 01

صدارت ۾ اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڪيس اجلاس ۾ اقتصادي معاملن ۽ اسٽيبلشمينٽ واري وفاقي وزير احد خان چيما، اين ڊي اي اي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ منصوبابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير احسن اقبال ويڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ وزيراعظم ڪي اين ڊي ايم اي پاران تازي طوفاني برساتن جي متاثرين جي مدد، قدرتي آفتن جي اڳواٽ اطلاع ۽ ريسڪيو امداد جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ وزيراعظم تازي طوفاني برساتن جي متاثرين کي امداد جلد ۽ شفاف انداز ۾ مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن اين ڊي ايم اي کي صوبن سان گڏجي جوائنٽ سروي جلد مڪمل ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. وزيراعظم هدايت ڪئي تہ اين ڊي ايم اي قدرتي آفتن جي حوالي سان صوبن سان گڏ اڳتي تعاون وڌيڪ وڌائي. وزيراعظم پنهنجي گذريل حڪومت جي دور ۾ اين ڊي ايم اي کي پنهنجي فني صلاحيت وڌائڻ جي حوالي سان ڏنل هدايتن تي عملدرآمد تي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو تہ تازي طوفاني برساتن جي متاثرين کي حڪومتي امداد جي فراهمي جلد مڪمل ڪئي وڃي. امداد کي شفاف انداز ۾ ماڻهن تائين پهچايو وڃي، گڏيل سروي مڪمل ڪري امداد صرف متاثر مستحقين کي ئي پهچائي وڃي. وزيراعظم چيو تہ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ ماڻهن جي ريسڪيو ۽ مدد جي لاءِ ٺوس حڪمت عملي ضروري آهي، تازي طوفاني برساتن جي متاثرين کي ڪنهن به قيمت تي اڪيلو نہ ٿو ڇڏي سگهجي، متاثرين جي مدد اسان جي اولين ترجيح آهي. اجلاس کي تازي طوفاني برساتن جي نتيجي ۾ نقصانن ۽ وفاقي حڪومت پاران امدادي ڪارروائين ۽ امدادي رقم جي ورڇ بابت ٻڌايو ويو. اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ اين ڊي اي اي صوبن خاص طور تي بلوچستان حڪومت سان مڪمل ۽ جزوي طور تي تباهہ ٿيل گهرن جي تصديق جي لاءِ جلد گڏيل سروي مڪمل ڪندي، اهو به ٻڌايو ويو تہ وزيراعظم جي هدايت تي گوادر ۾ مجموعي طور تي 7 لک 66 هزار ڪلو خشڪ راشن 24 مارچ تائين ورچ ٿيندو جنهن مان 3 لک 88 هزار ڪلو راشن 16 مارچ تائين ورهايو ويو آهي. ان کانسواءِ ڪوئيٽا ۽ ڊالبندين ۾ 97 هزار ڪلو خشڪ راشن ورهايو ويو آهي. اجلاس کي هلندڙ سال اپريل کان جون ۽ جولاءِ ڪان ڊسمبر جي موسمي اڳڪتي ۽ اين ڊي ايم اي جي ان حوالي سان تياري بابت پڻ آگاهہ ڪيو ويو. وزيراعظم کي اين ڊي ايم اي پاران غزه جي متاثرين جي امداد جي حوالي سان ٻڌايو تہ آڪٽوبر کان هيسٽائين غزه جي متاثرين جي لاءِ 320 ٽن امدادي سامان موڪليو ويو آهي. وزيراعظم قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان اين ڊي ايم اي کي صوبن سان تعاون جي هدايت ڪئي

بڻايا ✻✻✻ 02

نيب) کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. رپورٽ موجب احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد راڻا ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ان موقعي تي نيب پراسيڪيوٽر اظهر مقبول شاهہ چيو تہ نوازشريف جاج ۾ شامل ٿيڻ جي درخواست ڏني هئي. نوازشريف کي جاج ۾ شامل ڪيو ويو هو. هاڻ اسان جو جاج آفيسر موجود نہ آهي. جاج جي روشني ۾ رپورٽ پيش ڪندا سين تہ ڪيس هلائي به سگهجي ٿو يا نہ؟ نيب پراسيڪيوٽر استدعا ڪئي تہ عدالت ايندڙ ٻڌڻي تائين جو وقت ڏئي اسان رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏينداسين جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 17 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي تہ گذريل ٻڌڻي تي احتساب عدالت ب پ جي شريڪ چيئرمين آصف زرداري، مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ نوازشريف، پ پ اڳواڻ يوسف رضا گيلاني ۽ بين جي خلاف توشہ خانہ گاڏين جي ريفرنس ۾ جاج آفيسر کي نوٽيس جاري ڪري 19 مارچ تي پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بڻايا ✻✻✻ 03

وئي هئي. 2022 جي ڳالهہ آهي ان کان پوءِ وڌيڪ نہ آيا آهن. هن چيو تہ افغانستان سان ڪي به نوان اصول طئي نٿا ڪرڻ آهيون. 30 کان 40 سالن جو جيڪو ماضي گذريو آهي ان هان بريڪ ورتو وڃي. خواجہ آصف وڌيڪ چيو تہ ٿي پي پي ڪي اُٿن، ملڪ جي معاشي تباهيءَ ۽ نواز شريف کي فارغ ڪرڻ تي پڇاڻ ٿيڻ گهرجي. جنرل(ر) باجوه، فيض حميد ۽ پي ٽي آءِ باني پارليامينٽ کي جواب ڏين. خواجہ آصف چيو تہ اسان گهر ڪيترائي پيرا ويا آهيون گهر ۽ جيل جي رستي جي خبر آهي، ملڪ جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ وارا اهي ڪير ٿيندا آهن

بڻايا ✻✻✻ 04

جي ضرورت آهي. شازيہ مري چيو تہ بلاول ڀٽو چاهي ٿو تہ اميرن کي ملڻ مراعتون غريبن کي رليف ۾ تبديل ٿين.هن چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي استحڪام چاهي ٿي. شازيہ مري چيو تہ اين ايف سي ايوارڊ صوبن جو اُتيني حق آهي. هاريون جا حوصلا وڌايا وڃن. هاري ملڪ کي ڪاڻ خوراڪ جي پيداوار ۾ پاڻ پورو ڪندا.

بڻايا ✻✻✻ 05

تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. جن وزيرن کي ڪراچي جي بازارن ۾ صورتحال جو جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. انهن ۾ سردار شاهہ، سعيد غني ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن تہ احسان مزاري ۽ نجمي عالم به ڪراچي ڊويزن ۾ دورا ڪندا. ان کانسواءِ علي حسن زرداري کي شهيد بينظير آباد ڊويزن ۾ مارڪيٽن جا دورا ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ ناصر شاهہ ۽ محمد بخش مهر سڪر ۽ لاڙڪاڻي ۾ رمضان بچت بازارن ۾ اڳهن جو جائزو وٺندا. جڏهن تہ جام خان شورو ۽ ضياءُ الحسن لنجار حيدرآباد، ميرپورخاص ۾ بچت بازارن جا دورا ڪندا.

بڻايا ✻✻✻ 06

احتساب عدالت ۾ اڳوڻي وزيراعظم جي پٽن حسن نواز ۽ حسين نواز جي فيملڪ شپ، ايون فيلڊ ۽ العزيزيہ ريفرنس ۾ بريت جي درخواستن تي ٻڌڻي جنهن ۾ صفائي واري وڪيل مصباح ۽ نيب پراسيڪيوٽر دليل ڏنا. عدالت ڏرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ بريت جي درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو جيڪو بعد ۾ ٻڌايو ويو

بڻايا ✻✻✻ 07

وزارت جي ذريعن مطابق لنڊن ۾ هڪ ڏينهن ترسندو ۽ سرڪاري مصروفيتن کان پوءِ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار برسلز روانو ٿيندو. پرڏيهي وزير اسحاق ڊار برسلز نيب ڪليئر سيڪيورٽي جي سربراهي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو. نيب ڪليئر سيڪيورٽي سمٽ ۾ اسحاق ڊار کي پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف نامزد ڪيو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 08

مزاري. شهباز گل ۽ شبلي فرازجا به ضمانت نہ ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا. علي امين گنڊاپور جي گرفتاري وارنٽ 9 مئي واقعن بابت ڪيس ۾ جاري ٿيا. سندس خلاف ستي ٿاني ۾ ڪيس داخل آهي. عدالت 2 اپريل تي علي امين گنڊاپور کي پيش ڪرڻ جو به حڪم ڏنو

بڻايا ✻✻✻ 09

انهن جي ٻولي ۽ جواب ڏيندا سين. دهشتگردي جي معاملي تي ڪا به سوديبازي نہ ٿيندي. ميڊيا سان ڳالهائيندي محسن نقوي جو چوڻ هو تہ پاڪستان جي خودمختياريءَ تي ڪا به سوديبازي نہ ڪئي ويندي. غيرقانوني طور ترسيل سمورن پرڏيهين کي واپس وڃڻو پوندو. وفاقي گهرو وزير چيو تہ ڪنهن به عمل جو فوري ردعمل ڏيندا سين. سچي دنيا ۾ سوشل ميڊيا قانون لاڳو آهن. سوشل ميڊيا قانون اچڻ گهرجن. سوشل ميڊيا جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي. محسن نقوي پي سي بي چيئرمين به آهي. ان حوالي سان هن چيو تہ بنهي عهدن تي 24 ڪلاڪ ڪم ڪندس.

بڻايا ✻✻✻ 10

رجوع ڪري ورتو. پي ٽي آءِ عدالت کان ڏرين کي 30 مارچ رات 10 وڳي اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت ڏيڻ جو حڪم ڏيڻ جي اپيل ڪري ڇڏي. درخواست ۾ گهور سيڪريٽري، چيف ڪمشنر اسلام آباد، آءِ جي اسلام آباد کي ڌر بڻائيندي اپيل ڪئي وئي آهي تہ عدالت ڏرين کي 30 مارچ جي رات 10 اسلام آباد جلسي جي اجازت ڏيڻ جو حڪم ڏئي. پي ٽي آءِ پريڊ گراؤنڊ، ايف نائين پارڪ يا ڊي چوڪ تي جلسي جي اجازت گهري آهي.

بڻايا ✻✻✻ 11

ڪن. واشنگٽن ۾ پريس بريفنگ دوران ترجمان تہ پاڪستان ۽افغانستان تي زور ڏيون ٿا تہ اختلافن جو حل ڪڍن. پر امن آهيون تہ افغانستان پيهر دهشتگردي جي محفوظ پناهگاهہ نہ بڻجي. هن چيو تہ افغانستان ۾ دهشتگردي جي ڪارروايون جي شهرين کي نقصان نہ پهچي. دهشتگردي روڪڻ تي پاڪستان سان مسلسل رابطي ۾ آهيون. آمريڪي عهديدار چيو تہ رپورٽ مطابق پاڪستان افغانستان ۾ فضائي حملا ڪيا آهن. هن چيو تہ پاڪستان آمريڪا جو هڪ اهم پارٽنر آهي. آمريڪي سفير جي پاڪستاني قيادت سان ملاقات ۾ وسيع معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي.

بڻايا ✻✻✻ 12

ڪئي ويندي. مريم نواز جو چوڻ آهي تہ جنهن آءِ تي سٽي ۾ دلجمعي ڏيکاري اڳي. وڏي وزير پنجاب جي آءِ تي سٽي جا ٻئي تاورهڪ سال ۾ مڪمل ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. اجلاس ۾ 20 هزار الڪٽرڪ موٽرسائيڪلن جي فراهمي جي منصوبي جي به منظوري ڏني وئي. مريم نواز چيو تہ آلودگي کي گهٽائڻ لاءِ الڪٽرانڪ سائيڪلون ضروري آهن پر بيٽري چوري ۽ گهٽ مائليج سبب اهي في الحال مناسب نہ آهن. الڪٽرڪ موٽرسائيڪلن سان گڏ پيٽرول سائيڪلون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو تہ شاگردن جي بار گهٽائڻ لاءِ داڪن پيمينٽ 25 هزار ۽ ماهوار قسط 5 هزار ڪان گهٽ ڪئي ويندي، سائيڪلن جي ورڇ هلندڙ سال مئي کان شروع ڪئي ويندي. مريم نواز چيو تہ هو امتحانن ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪندڙ شاگردن کي سائيڪلون ڏيڻ لاءِ الڳ اسڪيم آڻيندا. ان کان علاوه اجلاس ۾ نالج پارڪ کي پنجاب سينٽرل بزنس ڊسٽرڪٽ اٿارٽي جي حوالي ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي. مريم نواز چيو تہ نالج سٽي ۾ ڪيمپس ناهڻ لاءِ دنيا جي وڏن تعليمي ادارن کي دعوت ڏني ويندي.

بڻايا ✻✻✻ 13

ڪري ورتا. پوٺوهار ڊويزن جي ڪينٽ ٽائٽي ۽ سول لائن سرڪلز رپورٽ اماڻي ڇڏي جنهن موجب اڳوڻي وفاقي وزير مراد سعيد مٿان ڪينٽ ٽائٽي تي دهشتگردي جي ايڪٽ ۽ ٻين سنگين قلمن جي تحت ڪيس داخل آهي. جنهن جا گرفتاري وارنٽ حاصل ڪيا ويا آهن. رپورٽ موجب ٻين ماڻهن جن ۾ سينيٽر فيصل جاويد خان، اعظم سواتي، اظهر مشواني ۽ خرم ذيشان جي خلاف ڪينٽ سرڪل جي پنجن ٽائٽن ۾ ڪوبہ ڪيس داخل ٿيل نہ آهي. پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير پرويز الاهي به ساڳين ڪيسن ۾ ڪينٽ ٽائٽي جي ڪيس نمبر 23/836 ۽ آر اي بازار ٽائٽي جي ڪيس نمبر 23/708 ۾ نامزد آهي ۽ ان جا اڳوٽن ڪيسن ۾ گرفتاري وارنٽ حاصل ڪيا ويا آهن. ڪرمنلز رڪارڊ جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي تہ اڳوڻي وفاقي وزير مراد سعيد جي خلاف سول لائين ٽائٽي ۾ ڪيس نمبر 23/987 مورگا ٽائٽي ۾ ڪيس نمبر 23/397 داخل آهي جڏهن تہ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي خلاف سول لائين ٽائٽي ۾ ڪيس نمبر 23/987 داخل ٿيل آهي.

بڻايا ✻✻✻ 14

سسترٽين ڪانپوءِ 281 رپين 15 پئسن جو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 15

حسن زرداري واقعي جو نوٽيس ورتو آهي ۽ فوري طور تي جاچ جي هدايت ڪئي آهي. شروعاتي رپورٽ موجب قيدي عزيز خان جدون ٽيهو ڏنڻي آڳهات ڪيو. هوايچ آءِ ري جو شڪار هو. جنهن سبب ذهني دٻاءُ ۾ هو.

بڻايا ✻✻✻ 16

بدران شرم ڪان مرڻ گهرجي. عظميٰ بخاري وڌيڪ چيو تہ پي ٽي آءِ جي باني وانگر سنڌس پارٽي جي هر فرد کي لاش تي سياست ڪرڻي آهي.

بڻايا ✻✻✻ 17

خلاف مهم نہ پئي هلائي. جيڪي ماڻهو پاڪ فوج خلاف مهم هلائي رهيا آهن. انهن سان پي ٽي آءِ جو ڪو تعلق ناهي. دهشتگردي ٽوڙ عدالت ٻاهران هن ڳالهائيندي چيو تہ عدالت ۾ جج ناهي. ڪجي ضمانت تي ٻڌڻي ملتوي ٿي وئي. اسان پنهنجا سڀ ڪم ڇڏي آچون ٿا. 10 ميهڻن کان عدالت ۾ پيش ٿي رهيا آهيون. هن چيو تہ پاڪستان کي آئي ايم ايف وٽ وڃڻ گهرجي. آئي ايم ايف ٻاهران احتجاج سان به پي ٽي آءِ سان ڪو به تعلق ناهي. هن چيو تہ سائفر ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ شاهہ محمود قريشي جلد بري ٿيندا. هن چيو تہ ملتان ۾ گيشس سلينڊر حادثي جي وڏي وزير اعليٰ کي انڪوائري ڪرائڻ گهرجي. وزيراعليٰ مريم نواز اجان تائٽين متاثرن جي گهرن ۾ ناهي وئي اتي ان کي وڃڻ گهرجي.

بڻايا ✻✻✻ 18

ڪامياب سان مڪمل ٿي ويون. پاڪستان لاءِ 1.1 ارب ڊالرن جي آخري قسط جا واضح امڪان آهن. پاڪستان آءِ ايم ايف مشن کي معاشي ڪارڪردگي تي مطمئن ڪري ورتو. پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي جائزي مشن وچ ۾ اقتصادي جائزي جون ڳالهيون مڪمل ٿي ويون. ناٿي واري وزارت جي ذريعن موجب اسٽينڊ بائي ارينجمينٽ تحت آخري اقتصادي جائزي جي ڳالهيون ۾ هاڪاري اڳڪرائي رهي ۽ آءِ ايم ايف طرفان اڄ رات پڙائي جاري ڪرڻ جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ پاڪستان لاءِ 1.1 ارب ڊالرن جي آخري قسط جا واضح امڪان آهن. معاهدي ۽ ڪامياب جو حتمي اعلان آءِ ايم ايف پڙائي ذريعي ڪيو ويندو. پاڪستان آءِ ايم ايف مشن کي معاشي ڪارڪردگي تي مطمئن ڪري ورتو آهي ۽ آءِ ايم ايف جو ايگزيڪيوٽو بورڊ اپريل ۾ پاڪستان لاءِ 1.1 ارب ڊالرن جي قسط منظور ڪري سگهي ٿو. هوڏانهن ناٿي واري وزير محمد اورنگزيب جي آمريڪي سفير سان اهم ملاقات ٿي آهي. جنهن ۾ ملڪ جي ٽيڪس نظام ۽ سيڙپڪاري جي ماحول ۾ بهتري سميت پاڪستان جا سڌارن جا هدف پورا ڪرڻ لاءِ وڏيڪ آمريڪي سهڪار ۽ حمايت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آمريڪي سفير آءِ ايم ايف سان پاڪستان جي موجوده اسٽينڊ بائي ارينجمينٽ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ آمريڪي حڪومت جي حمايت جي خاطري ڪرائي ۽ ڪڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا جي اقتصادي سهڪار کي وڌيڪ وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بڻايا ✻✻✻ 19

لنڊن وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو. ذريعن موجب اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ عمرو ادا ڪندو. حسن نواز، حسين نواز ۽ مريم نواز طرفان به سائس گڏ وڃڻ جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ وزيراعظم شهباز شريف به عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب ويندو. ذريعن موجب نواز شريف طرفان عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ لنڊن وڃڻ جو امڪان آهي، جتي هو پنهنجو چيڪ اپ ڪرائيندو. هو ڪجهہ وقت لنڊن ۾ رهي ڏيهہ موٽي ايندو.

بڻايا ✻✻✻ 20

اندر مرمت ڪرڻ دوران امونيم گئس جا سلينڊر ڏماڪي سان ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ ڪارخاني اندر ڪم ڪندڙ مدو ماڇي علي بخش ڏاهري ۽ 10 رهين جو ماجد سولنگي ڏڌي تي فوت ٿي ويا. جڏهن تہ خان محمد ملاح سخت زخمي ٿي پيو. شهرين پنهنجي مدد پاڻ تحت ٽنهي جثن جا لاش ڪارخاني مان ٻاهر ڪڍيا فوٽين جي لاشن کي ايدي ايمبولينس ذريعي نيوسعيدآباد تعلقا اسپتال پهچايو ويو. جڏهن تہ زخمي ٿيل خان محمد ملاح کي گڏتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي. واقعي جي اطلاع تي هزارين شهري گڏ ٿي ويا . ڏماڪو ٿيڻ سبب گئس شهر اندر پکڙجي وئي آهي جنهن سبب ماڻهن ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي ويو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 21

. لاهور جي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ جي جج ارشد حسين پٽا پنجاب اسمبلي ۾ غيرقانوني پرتيون واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران اڊيالا جيل جي ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ پرويز الاهي جي ميڊيڪل رپورٽ پيش ڪئي. ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ جيل عدالت کي ٻڌايو تہ پرويز الاهي 17 مارچ تي واش روم ڪري پيو هو جنهن سبب ڪيس فريڪچر ٿيو آهي. عدالت جوابدارن جو رانگ پورو نہ هٽڻ تي فرد جرم لاڳو نہ ڪيو ۽ فرم جرم لاءِ جوابدارن کي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪندي ٻڌڻي چار اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بڻايا ✻✻✻ 22

نواز شريف جي تصوير لڳائڻ جو معاملو عدالت پهچي ويو. وزيراعليٰ مريم نواز صوبي جي عوام لاءِ نگهبان رمضان پيڪيج جو اعلان ڪيو هو، جنهن تحت عوام کي راشن ڏنو پيو وڃي پران ۾ اتي جي پاڪي تي ان ليگ قائد نواز شريف جي تصوير چاپڻ تي اعتراض سامهون آيا. هاڻ اهو معاملو عدالت پهچي ويو آهي ۽ لاهور جي هڪ شري منير احمد ان قدم کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو آهي. درخواستگذار جو موقف آهي تہ پنجاب حڪومت جي خزاني کي ذاتي مشهوري لاءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي. پنجاب حڪومت کي نواز شريف جي تصوير پرنٽ ڪرائڻ کان روڪيو وڃي.

بڻايا ✻✻✻ 23

آهي. ذريعن موجب، پي سي بي اختيارين هيڊ ڪوارٽر جي آفيسن کي قذافي اسٽيڊيم کان لاهور جي ڪرڪيٽ هاؤس بلڊنگ شفٽ ڪرڻ جو پلان تيار ڪيو آهي. قذافي اسٽيڊيم ۾ قائم موجوده آفيسن کي هاسٽالٽي باڪس بڻائڻ تي غور جاري آهي جڏهن تہ فيصلو ڪيو ويو آهي تہ قذافي اسٽيڊيم ۾ رڳو چيئرمين ۽ ضروري پروفيشنل اسٽاف جي آفيسن هوندي. پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي ميوزيم کي به نيشنل ڪرڪيٽ اڪيڊمي کان ٻاهر منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

بڻايا ✻✻✻ 24

. پي ايچ ايف ڪانگريس جو غير معمولي اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو. اهو اجلاس سيڪريٽري پي ايچ ايف حيدر حسين طلب ڪيو هو. پي ايچ ايف ڪانگريس اجلاس ۾ نيشنل بئنڪ ۽ پاڪستان ڪسٽم جي نمائندن به شرڪت ڪئي. ڪانگريس اجلاس ۾ 64 مان 54 ميمبر شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ گڏيل طور تي شهلا رضا کي صدارت ڏني وئي. شهلا رضا پاڪستان هاڪي فيڊريشن جي پهرين عورت صدر بڻجي وئي، ان کان اڳ هو، پي ايچ ايف جي نائب صدر طور فرض انجام ڏئي رهي هئي. ان ڪانسواءِ شجاع اقبال پاشا کي سيڪريٽري فنانس چونڊيو ويو. واضح رهي تہ هاڪي فيڊريشن جي ٻئي گروپ جو اجلاس رائنا مجاهد جي سربراهي ۾ خميس تي اسلام آباد ۾ ٿيندو.

بڻايا ✻✻✻ 25

گهنشام ميگهواڙ جو تشدد ٿيل ڪٽ سان ٻڌل لاش هٽ آيو. اطلاع تي ڪرڪٽي سائيٽ پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڀڳو پي ايچ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو. پورهيتن ٻڌايو تہ هوصبح فيڪٽري جي گيٽ تي پهتا تہ چوڪيدار گيٽ نہ کوليو. پٽ تي چڙهي ڏنو تہ گهنشام رتو رت رسن سان ٻڌل هو. مل اختيارين ٻڌايو تہ گدام مان 60 کان مٿي ڪٽڪ جون ٻوريون به گم آهن شڪ آهي تہ چوڪيدار کي قتل ڪندڙ چور آهن.

بڻايا ✻✻✻ 26

ريب ويڪسين شروعاتي طور تي سنڌ ۾ متعارف ڪرائي وئي آهي، ريڪسين هڪ فون ڪال تي 48 ڪلاڪن ۾ گهربل هنڌ ٻهڃائي ويندي. ڊائو يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر پروفيسر محمد سعيد قريشي هڪ تقريب ۾ ڊائو ريب جو افتتاح ڪندي چيو تہ ويڪسين جون 30 هزار خوراڪون ورهائي نيٽ ورڪ کي فراهم ڪيون ويون آهن. هن چيو تہ ڪجهہ هفتن ۾ چين کان حاصل ڪجي مال سان ويڪسين جون واڌو هڪ لک 70 هزار خوراڪون تيار ڪيون ويندیون.

بڻايا ✻✻✻ 27

پٽاڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي جاري ڪيل ٻڌرائي ۾ چيو آهي تہ پرائمري استاد الهہ رکيو نندواڻي کي ڪارنهن جي الزام هيٺ آيلن کي بچائڻ واري معاملي تي پلاند ۽ قتل ڪيو ويو آهي. ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺندي واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڀڻ ڏنڻ ڇڏيو آهي. ان حوالي سان ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پنهنجي جاري ڪيل ٻڌرائي ۾ چيو آهي تہ شرعاتي جاچ ۾ قتل ٿي ويل استاد جي وارثن ٻڌايو آهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪاروڪاري جي تڪرار تان جوابدارن بگي نندواڻي، هادي بخش عرف هادو نندواڻي ۽ پيارو نندواڻي سندن مائٽ کي قتل ڪرڻ لاءِ ڳوٺ تي حملو ڪيو هو تہ استاد الهہ رکيو نندواڻي فائرنگ ڪري جوابدارن کي پڇاڻن تي مجبور ڪري ڇڏيو هوان حملي بعد جوابدار بگي نندواڻي استاد الهہ رکيو نندواڻي کي ڏمڪي ڏني هئي تہ تو اسان جي ڪاري کي بچايو آهي جنهن جي بلاند ۽ اسان توکي قتل ڪنداسين هوڏانهن ڊي آئي جي لاڙڪاڻو جي اهڙي بيان بعد سوشل ميڊيا تي ڊي آئي جي لاڙڪاڻو مٿان چٽي تنقيد پڻ ڪئي وئي آهي جڏهن تہ سجاڻ ڏرين سنڌ حڪومت کان مظلوم مقتول استاد جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي ڪيئر ڪردار تائين پهچايو وڃي ۽ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو کي فوري طور هٽائي واقعي جي اُن ڏري جاچ ڪرائي وڃي.

بڻايا ✻✻✻ 28

ڪري ڏوهارين جا ڏڪا

بقايا | سنڌيار | 01

حاجاڻو ۽ مڙس پنهون حاجاڻو سان گڏ سنڌ پريس ڪلب ڇمڙ ٿي ڏاڪهيندي چيو ته مونسان گوڙ بخشو حاجاڻو جي رهواسين وحشي درندن انسانيت جا ليکا لتاڙي عاشق حاجاڻو ولد وڪيو حاجاڻو عزيز حاجاڻو ولد سليم حاجاڻو پندرنهن ڏينهن ٻهرين زيادتي ڪيي هئي جنهن جي ذاڻهن مون پنهنجي مڙس ۽ والد کي ڏٺي انهن راجوتي حوالي سان گوڙ وارن کي ان ظلم کان آگاه ڪيو مگر ڪو ڪوتيل نه نڪتو آن بعد جويدارن وري منهنجي مڙس جي غيرموجودگي جو فائدو وٺندي جڏهن آءُ روزو کولي ۽ نماز پڙهڻ کانپوءِ آرامي هئس ته هنن مون کي زبردستي ڪنهي ڪٺ جي ڪوشش ڪئي منهنجي ذاڻهن ڪوڪن تي منهنجي والد پڇيو جويدارن سان مزاحمت ڪري مون کي بچائي ورتو انهن مون جي والد کي به مارڪٽ ڪئي منهنجي والد پنهنجي پڇاڻ خاطر هڪ جويدار عاشق ولد وڪيو حاجاڻو کي مٿي ۾ لٽ هڻي زخمي ڪيو ۽ پيو جويدار عزيز ولد محمد سليم پڇي وڃڻ ۽ ڪامياب ٿيو جڏهن ته ناري جي والد ڊوليو جو چوڻ آهي ته جويدارن هنن مون کي ۽ منهنجي فيملي کي جان جوکطرو آهي آئون جويدارن جي خوف کان پنهنجي گهر کي تالو لڳي پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ گهر ۾ پناهه ورتي آهي جويدارن مون کي مارڻ لاءِ ڪهاڙيون ۽ ڏنڊا کڻي مون کي مارڻ تا چاهين ناري ۽ سندس والد ۽ مڙس آيي جي سنڌ ڊي آيي جي حيدرآباد ايس ايس پي ٿنڊوالهيار جن کي اپيل ڪيي آهي ته هن واقعي جو نوٽيس وٺي جويدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي مرنسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 02

جهڙو لڳ ڳوٺ ياسين ڪنبوءِ جي رهواسي پورهيت ڏيوراج ريباري سندس گهرواري سيتا ريباري ۽ ڌيءُ لاڏو ريباري، سان گڏ ميڊيا سينٽر جهڙو تي احتجاج ڪندي چيو ته ڏينهن اڳ نڪرڻارڪر جي رهواسي جويدارن پريت ريباري، پيرو ريباري، روو ريباري، منهنجي گهر تي حملو ڪري مون کي منهنجي گهرواري ۽ ڌيءُ کي سخت تشدد جو نشانه بڻايو جويدارن جون لنيون لڳڻ سبب منهنجي ٻانهن ڪلهي کان لهي وڃي ۽ جويدارن منهنجي 14 سالا ڌيءُ لاڏو ريباري کي زبردستي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آسان جي رڙين تي گوٺائن جي پهچڻ جويدار ڏمڪيون ڏيندا فرار ٿي ويا هنن چيو ته جويدارن جي گهر ۾ منهنجي هڪڙي ڌيءُ پرٿابل آهي جنهن کي هن جا سهريجا مارڪٽ ڪن ٿا ۽ هو سخت اذت ۾ آهي هاڻي جاڻايل جويدار منهنجي پي ڌيءُ جيڪا 14 سالن جي نابالغ آهي هن کي به پرٿابل لاءِ آسان تي زور وجهي رهيا آهن آسان جي انڪار تي هنن گهر تي حملو ڪري ڌيءُ کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هنن چيو ته آسان اهڙي ظالم خلاف ڪيس داخل ڪري ڌيءُ کي بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 03

تحريڪ جي مرڪزي آگواڻ سنڌڙي ياسر جاڪرو تنظيم جي ضلعي صدر حبيب الله پليجو مرتضي لاشاري ۽ ٻين جوچوڻ آهي ته شيخ زيد اسپتال ۾ سهولتن جي اڻهوند ۽ اسپتال ۾ دوائن جي ڪوٽ برقرار آهي جڏهن ته اسپتال جي ايڪسري مشين ٻن سالن کان خراب پيل آهي سندن وڌيڪ چوڻ هو ته انتظاميا کي ڪافي شڪايتون ڪرڻ کانپوءِ به ڪير ٻڌڻ لاءِ ناهي جڏهن ته اسپتال جي زمين ٻن نيملاءِ ڪئي پئي وڃي جنهن جو هن وقت تائين نه حڪومت ۽ نه ئي ضلعي انتظاميا پاران ڪو نوٽيس ورتو ويو آهي جڏهن ته اسپتال جي لڪين روپيا بجٽ هڙپ ڪئي وڃي ٿي پر ڪير به چوڻ وارو ناهي هنن حد جي ايم پي اي علي حسن زرداري سميت صحت سان لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مرف سي ايس هٽائي صحت جو سهولتون فراهم ڪيو وڃن خبرن مطابق ڳوٺ هڏندڙ قومي عوامي تحريڪ جي آگواڻ ياسر جاڪرو ، حبيب الله پليجو ۽ مرتضي' لاشاري کي گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار | 04

جنهن بعد ايجوڪيشن ۾ سالن کان ڪريشن ڪنڊ ۾ ميدان تي اچي ويا آهن جيڪي روهڙي تعلقي ۾ نياٽين کي پڙهائيندڙ فيميل ٽيچرز کي چپ رهڻ لاءِ طرح طرح جا حربا هلائي رهيا آهن جنهن ڪري آسان انتهائي خوف ۾ مبتلا ٿيل آهيون حق حلال جي ڪمائي مان زيردستي سان رشوت ورتي وڃي ٿي اهڙي عمل خلاف ڪنهن ايماندار آفيس کان انڪواري ڪرائي نياٽين جي اسڪولن ۾ مقرر هڏ مسٽريسز کان قرآن پاڪ تي بيان ورتو وڃي ته حقيقت سامهون اچي ويندي ليکيل خط ۾ هنن وزير اعلا سنڌ سيد مراد علي شاهه وزير تعليم سنڌ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيف سيڪريٽري سنڌ کي اپيل ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي ڪريٽ اي ٽي او مان ۽ آن جي حمايتي ڪريٽ تولي مان جند ڇڏائي وڃي

بقايا | سنڌيار | 05

هڪڙي نياٽي جو رمضان کان پوءِ نڪاح هو گهر ۾ پيل ڏاج ۽ پيرسامان سڙي رک ٿي هن وقت هو ڪليل ميدان تي ويٺل آهي پر انتظاميه جو ڪو به آفيسر ناهي پهچي سگهيو آئون سوشل ورڪر ۽ جيڪي دوست به هن پلاري مهيني جي صدقي خيرات ڪرڻ وارن اپيل ڪندس مهرباني ڪري هن جي مالي مدد ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 06

ڏاهاڪو آهي. علماءِ اهلسنت سنڌ جي آگواڻ ۽ چوٿي جي عالم دين مولانا غلام مصطفي جت خطاب ڪندي چيو آهي ته رمضان المبارڪ رحمتن ۽ برڪتن وارو مهينو آهي اسان پرپور ڪوشش ڪري رمضان ۾ عبادت جو اهتمام ڪري پنهنجي رب کي راضي ڪريون. هن چيو ته رمضان شريف جي رحمت ۽ برڪت واري مهيني ۾ الله پاڪ ڪيترن گناهگار مسلمانن جي بخشش ۽ مغفرت فرمايي ٿو. مولانا چيو ته روزو اڑڪان اسلام مان هڪ اهم رڪن ۽ عظيم الشان عبادت آهي، روزو صبح صادق کان سج لهڻ تايين کاڻ پيئڻ سميت هرطرح جي گناهن ٻي حيايي ۽ برن ڪمن کان بچڻ جو نالو آهي، روزو جسر جي زڪوت پڻ آهي روزو مسلمان کي صحتمند بڻايي ٿو ۽ روزي سان مسلمان کي تقوي جي دولت نصيب ٿيي ٿي. رمضان شريف ۾ روزو رکڻ سان گڏوگڏ وڏ کان وڏ قرآن پاڪ جي تلاوت نماز جي پابندي استغفار ذڪر ۽ اذڪار درود پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي ۽ دعاين پڻ گهرجن وڃن هن چيو ته فلسطيني مسلمان پاڻين تي ظلم ستم جي انتها ڪيي پيي وڃي جيڪوتيڪنن جي ڪي جهوريندڙ سانحو آهي انهن جي حق ۾ وڏ کان وڏ هن پلاري مهيني ۾ دعايون گهرجن وڃن. الله پاڪ مظلوم فلسطينن جي غيبي مدد فرمايي انهن کي ظالمن جي ظلم کان آجو فرمايي. هن وڌيڪ چيو ته مسلمانن جي لاءِ الله پاڪ جي تمام احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ آن جي پياري نبي ناجدار انبياءِ حضرت محمد مصطفي جن جي تابعداري ڪرڻ ۾ ٻي ڪامياب ۽ ڪامراني آهي.

بقايا | سنڌيار | 07

نئون ڪوٽ جي وارڊ نمبر 4 هيرجن ڪالونيءَ ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال ٿيڻ ڪري اڄوڪي ڏينهن ٻن پڻجي وئي جنهن جي ڪري ڪيترن ٻارن کي تعليم پرائڻ تي مجبور آهن هن وقت شديد گرمي هئڻ ڪري ڪيترائي ٻارڙا روزانو جي بنياد تي بيهوش پڻ ٿي وڃن ٿا، انهي حوالي سان اسڪول جي شاگردن ۽ استادن پڌاڙيءَ ۾ 2011 جي ٻوڏ دوران پرائمري اسڪول هيرجن ڪالوني جي عمارت زبون حال بڻجي وئي جنهن بعد چت مڪمل ڀڃي پڻ پڻجي وئي. ڪيترن ٽي سالن کان ٻارڙا اس ۾ تعليم پرائي رهيا آهن. هن وقت اسڪول ۾ داخل ٻارن جو انگ 71 آهي جنهن مان اڌو اڌ ٻارڙن شديد گرمي ۽ سج جي تپش جي ڪري اسڪول اچڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ اسڪول ايندڙ ڪيترائي ٻارڙا اس برداشت نه ڪندي روزانو ٻيهوش پڻ ٿي وڃن ٿا. ٻارڙن جو چوڻ آهي ته بنا چت واري زبون حال عمارت ۾ تعليم پرائيندي هر وقت زندگي خطري ۾ رهندي آهي. جنهن جي خوف سبب اسان جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته اسڪول جي مر

بقايا | سنڌيار | 08

جي نئين پائپ لائين وچائڻ لاءِ ڪوئائي ڪئي پئي وڃي ۽ پرائي لائين مان مختلف هنڌن تان گئس ليڪ ٿي رهيو آهي هوڏانهن سوئي سدرن گيس ڪمپني سڪرنڊ پاران بنا ڪنهن سبب جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي ۽ گئس جي پريشر کي به تمام گهٽ ڪيو ويو آهي. رمضان جي بابرڪت مهيني ۾ روزيدار نڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ياد رهي ته ماٺهر گئس جي لوڊشيڊنگ کان بيزار ٿي سلينڊر استعمال ڪري رهيا آهن ۽ مسڪين ماڻهو ته سلينڊر به نٿو خريد ڪري سگهي ۽ نه ئي ڳرين قيمتن سبب گئس خريد ڪري سگهي ٿو سڪرنڊ جي شهرين انتظاميا کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته گئس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪئي وڃي ۽ لائينون چيڪ ڪري ليڪ ٽيندڙ گئس کي بند ڪري شهرين جي بيچيني دور ڪئي وڃي

بقايا | سنڌيار | 09

سمير نور چنا کي آفيس پهچڻ تي سکر پوليس جي دستي ڪيس سلامي ڏني سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ جي جاري ڪيل بيان موجب سمير احمد چنا ايس ايس پي سکر مقرر ٿيڻ بعد پنهنجي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو آهي ۽ ڪم شروع ڪري چڪو ايس ايس پي آفيس پهچڻ تي ڪيس پوليس جي دستي سلامي ڏني. ان موقعي تي ايس ايس پي سکر ڊاڪٽر سمير احمد چنا آفيس جي عملي کي خطاب ڪندي چيو ته مون کي اميد آهي ته منهنجو اسٽاف محنت، لڳن ايمانداري ۽ نيڪ نيتيءَ سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو. هن وڌيڪ چيو ته سکر هڪ پرامن ضلعو آهي، اسان گڏجي ڪوشش ڪنداسين ته سکر ۾ امن جو ماحول برقرار رکيو وڃي. ايس ايس پي سکر وڌيڪ چيو ته قانون جي حڪمراني، ڏوهن جو خاتمو ۽ خاص ڪري منشيات فروشن سان ڪابه رعايت نه ڪئي ويندي،

هن چيو ته ڏوهن کي منهن ڏيڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. سنڌن هٿان سکر جو روايتي امن هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 10

ٻڌي ويل پڻي مزدور جي پنهنجي مدد پاڻ تحت گوٺا ڪٽي پئي وڃي.ٻڌي ويل هڪ جٽي کي بچايو ويو آهي پٽي جي ٽوين ذريعي گوٺا جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 11

سن گالهائيڊي چيو ته هنن پٽيسا فبائڻ لاءِ تاريخ 2023_9_7 ئاروشاه ٿائي تي ڪوڙي درخواست داخل ڪئي ته وقار ميمڻ شهباز ميمڻ صفدر ميمڻ فدا ميمڻ مون ڏمڪيون ڏنيون ۽ اغواه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي 2023_9_10 تي اي ايس آئي رشيد سولنگي آسان سيني کي گهرائي پڇيو ته توهان هن کي اغواه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آڇا آسان هن کي اغواه ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي بلڪي هن ڏي مهنجا پٽيسا آهن جنهن لاءِ هي ماءُ اسما ۽ پٽ مدثر ملي ڊرامو ناهي آسان تي ڪوڙا الزام هٿي پيئسا فبائڻ چاهن ٿا ان کان پوءِ مون 2023_19_3 تي فرادي مدثر ميمڻ شاجهان ميمڻ تي ئاروشاه ٿائي تي اين سي داخل ڪرائي پر سندس ماءُ اسمان ميمڻ ٻاٽرهجڻ ڪري فرادي پٽ مدثر ميڻ کي ڏيتي ليتي ايوض ٿائي مان چڏائي وئي ان کان پوءِ گوسڙو ماسٽرائي 2023_10_4 تي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي ته مهنجي پٽ چوڪري ڪنيون آهي جيڪا وقار ميمڻ جي پيئ آهي ان ڪري هنن پوليس سان گڏ مهنجي گهر گهڙي مهنجي پٽ عبدالرحمان ڪئي ۽ ان شاجهان ۽ سڪندر به گهر ۾ موجود هئا ٻاٽرماسٽرائي اسما ميمڻ جواهر چوڻ آهي اهي ڪوڙيون رپورٽون ٿائي تي به داخل ڪرايون هيون پوءِ ٻئي ڏينهن وري پهنسجي درخواست تان هٽ ڪئي وئي پوءِ 2023_10_7 تي ڪورٽ ۾ هن پروٽيڪشن داخل ڪئي ته سندس فرادي پٽ جي گهر واري طيبا ميمڻ وقار ميمڻ جي پيئ آهي ان ڪري وقار ميمڻ ۽ صفدر ميمڻ مونکان 9 لک گهري رهيا آهن جڏهن وقار ميمڻ جو طيبا ميمڻ سان ڪو به تعلق ناهي طيبا ميمڻ نظير ميمڻ جي ڏي آهي ۽ وقار ميمڻ منظور حسين ميمڻ جو پٽ آهي ته ئي وقار ميمڻ جو نظير ميمڻ سان ڪوبه تعلق نڪا رشتيداري آهي اسمان ميمڻ ۽ سندس پٽ مدثر ميمڻ بليڪميلر ۽ فرادي آهي هن وقار ميمڻ کان ڏه لک اٿوير هزار جا تج موبائيل سيٽ خريد ڪيا ۽ ماسٽر لطيف اچڻ جيڪ ڏنا جيڪي به ڪوڙا نڪتا آهن جڏهن ته مهنجو صفدر ميمڻ حسنين ميمڻ جو ماسٽرائي اسما جي نوح سان ڪو به رشتو يا رشتيداري ناهي ماسٽرائي اسما ميمڻ ڪورٽ ۾ آسار مٿان ڪوڙا ڪيس ڪري مهنجا پٽيسا فبائڻ چاهي ٿي جيڪو هن جو ڏاڍ ۽ جبر آهي ڪجه ڏينهن اڳ مان ميڊيا تي بيان رڪارڊ ڪرايو هو ته مون سان گڏ جنهن صحافي مهنجو جو بيان هلايو مون سميٽ هن کي به هي ڪوڙن ڪيسن ۾ فاسائڻ ۾ موتمار ڏمڪون ۽ ماءُ پيئ تي غار گنڊ ڪئي جنهن جي هن آڏو رڪاوٽنگ هن صحافي وٽ موجود آهي جيڪا هن سوشل ميڊيا تي به وٽرل ڪئي ليڪن ٻاڻ گولو با اثرن جي زور تي وڌيڪ ٻسر گولو ٻڌجي ويو هن آءُ جي سنڌ. ڊي آءُ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان گهر ڪئي ت مونکي هن ٻاڻ گولي مان بچايو وڃي ۽ مون مسڪين سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 12

احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي پ ٽ الف آگواڻ حاجي شفيع محمد سليو، عارف قريشي ، شاهنواز مهر ، غلام حسين ڪاٺيار ، تاج روڄهو ، ونودڪمار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي شعور تي مسلسل حملا ٿي رهيا آهن هڪ مهينيءَ دوران 5 استادن کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو ويو آهي جيڪو عمل تعليم دشمنيءَ تي ٻڌل آهي پرائمري اسٽاد الله رکيو ننداڻي ، هدايت الله لوهار ، ظفر لاکو ، مراد بنگوار ، جمع حڪرائي جو قتل سوچيل سمجهيل سازش جو حصو آهي لاقانونيت جي آڙ ۾ استادن جي قتل تي وقت جي حڪمرانن جي خاموشي پڻ اسان کي پيغام ڏئي رهي آهي ته حڪومت جي سرپرستي ۾ قبائلي جهيڙا ڪرائيندڙ سردارن پرتارن ، جاگيردارن ، ڏاڙيلن قوم کي جهالت جي اونداهه ۾ اڇلائڻ لاءِ سنڌ جي شعور استادن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو آهي جيڪو عمل سنڌ دشمني تعليم دشمني تي مبني آهي هنن چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ ، چيف جسٽس سنڌ هائيڪورٽ ، وزير اعلیٰ سنڌ ، سيڪريٽري تعليم سنڌ کان گهر ڪئي ته شهيد استاد الله رکيو ننداڻي جي قاتلن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي پي صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 13

جي خريداري شروع ڪئي وئي هئي. خريداري مرڪز ديرسان شروع ٿي ويا جنهن سبب ذخيره اندوزن ڪڻڪ جو ذخيرو ڪري ڇڏيو جنهن سبب خوراڪ کاني پاران ڪڻڪ جي خريداري جو هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو، خريداري جو هدف 58 لک ٽن مقرر ڪيو ويو آهي ۽ 20 مارچ کان خريداري شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سڄي صوبي ۾ 353 ڪڻڪ خريداري مرڪز قائم ڪيا ويندا. جنهن موجب حيدرآباد ڊويزن ۾ 78، لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ 71، سکر ڊويزن ۾ 68، شهيد بينظير آباد ڊويزن ۾ 58، ميرپورخاص ڊويزن ۾ 40 ۽ ميرپورخاص ڊويزن ۾ 38 ڪڻڪ خريداري مرڪز قائم ڪيا ويندا. ضلعي شهيد بينظير آباد جي شهرن سڪرنڊ قاضي احمد صابوراهو نواب ولي محمد دولتپور شاهپور جهانيان جمال شاه ڏوڻ پانڌي سميت ننڊن وڏن شهرن ۾ ڪڻڪ جو في من اڳه 4 هزار 200 رپين کان وڌي ويو آهي جنهن سبب اٽو 150 رپيا في ڪلو کان وڌيڪ وڪرو ٿي رهيو آهي، ڪڻڪ جو في من اڳه 4 هزار رپيا مقرر ڪيو ويو آهي، پرخريداري جا مرڪز ڪڻڪ جو اڳهه به اڃا قائم نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته ذخيره اندوز وڏي پيماني تي ڪڻڪ جي ذخيرو ڪرڻ ۾ مصروف آهن جنهن سبب هن سال به ڪڻڪ جي ڪوٽ جو خدشو آهي، جنهن سبب اٽي جا اگهه وڌن ۽ آبادگارن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، غريبن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو جڏهن ته ڪيترائي زميندار خوراڪ کاني کي ڪڻڪ وڪرو نه ڪندا آهن. چاڪاڻ ته ڪين بارداڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي. جنهن ڪان پوءِ ان کي خريداري مرڪزن ڪرائي جي قيمت تي پهچايو ويندو ۽ وڪرو ٿيل ڪڻڪ جو اگهه مقرر ڪيو ويندو آهي. ادائيگي ۾ وقت لڳندو آهي. جڏهن ته ذخيره اندوز زميندارن جي زمينن مان ڪڻڪ خريد ڪري موقعي تي اڌا ڪندا آهن.

بقايا | سنڌيار | 14

بعد اڄ 19 مارچ ضلع جي سمورن ڊي ايس پيز، ايس ايچ اوز، انچارج پوسٽ، برانچز جي سربراهن سان، ايس ايس پي آفيس سجاول ۾ هڪ تعارفي ۽ امن ۽ امان جي حوالي سان گڏجاڻي ڪئي. ان موقعي تي ايس ايس پي سجاول حڪم جاري ڪندي چيو ته ڏوهارين، منشيات فروشن گنڪو وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريٽ ڊائون جاري رکيو وڃي. بعد ۾ سمورن ايس ايچ اوز جي ڪارڪردگي جو الڳ الڳ جائزو ورتو ويو ۽ وڌيڪ هدايتون جاري ڪيون ويون ۽ احڪامات جاري ڪيا ويا ته منشيات فروشن تي ڪڙ ۾ سمجهوتو نه ڪيو ويندو. ميٽنگ دوران ايس ايس پي سجاول چيو ته ڏوهاري ڪيترا به چالاڪ يا بااثر چو نه هجن پر پيشه ورانه صلاحيتن جي استعمال سان ناممڪن کي ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. نيڪ نيت ۽ پيشه ور صلاحيتن کي استعمال ڪندي انهن کي گرفتار ڪري ڪامياب حاصل ڪري سگهجي ٿي. پوليس ٽائن تي اينڊ سائلين سان حسن سلوڪ سان پيش آچو. سندن عزت نفس ڇوٽڪيل رکيو وڃي، سندن مسئلا ٻڌي فوري حل ڪيا وڃن. انصاف فراهم ڪيو وڃي، ميٽنگ دوران سمورن آفيسرن کي پنهنجن پنهنجن علاقن ۾ خاص هدايتون جاري ڪندي چيو ته موٽر حڪمت عملي سان اسٽيپ ڀيڪنگ کي يقيني بڻائي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي. سٽو ڪر ڪندڙ آفيسرن ۽ جوانن جي حوصلافزائي ڪئي ويندي. بعد ۾ ايس ايس پي آفيس جي مختلف سيڪشنز ۽ برانچن جو دورو ڪري آفيس جي ڪم جو جائزو ورتو. انچارج ۽ پوليس عملدارن کان معلومات پڻ ورتي.

بقايا | سنڌيار | 15

ڪري ڇڏي. اطلاع تي جيل خاني جي وزير حاجي علي حسن زرداري ٽوئيس وٺندي واقعي جي جاچ جي هدايت ڪئي آهي. شروعاتي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته قيدي عزيز خان جدون ٽهو ڏني آپگهات ڪيو آهي. جيل خاني جي وزير علي حسن زرداري آئي جي سنڌ کي واقعي جي جاچ جي هدايت ڪئي آهي جڏهن ته آئي جي جيل خاني فوري طور تي جاچ مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪندي چيو آهي ته قيدي کي ايڊز ٿي ويو هو جنهن سبب هو ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿي ويو هو. جيل خاني جي وزير مقتول جي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 16

هلائي ڳڙي رقم ڪڙڻا ۽ پيو قيمتي سامان جي گهر ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته مان هڪ غريب مسڪين پورهيت ڪوڙي جي دوڪان تي مزدوري ڪندو آهيان ۽ پنهنجي ڇڻن جو سفر گذر ڪندو آهيان ۽ مون کي مختلف قسمن جون ڪوڙيون پوسٽون ۽ گرفتار ڪرائڻ جون ڏمڪيون ڏني رهيو آهي هن ايس ايس پي خيرپور ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او گمبٽ ۽ گمبٽ جي معززين شهرين ۽ صحافيون کي اپيل ڪندي چيو آهي ته منهنجي مدد ڪئي ۽ گمبٽ جي هن پليڪميلر ممتاز ميمڻ مان جان ڇڏائي وڃي پٽي پاس ديوان مينش ڪمار پنهنجي مندر ۾ گيتا ڪلام پاڪ تي هٿ رکي ٻڌايو آهي ته منهنجي خلاف ممتاز ميمڻ ڪوڙيون پوسٽون هلائي منشيات هلائڻ جون ڏمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون

بقايا | سنڌيار | 17

ڪجه سامان واپس ڪرايو آهي جنهن ۾ گهر جا ڪجه ٽانو شامل آهن. جڏهن ته چور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هنن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کي اپيل ڪندي چيو ته اسين مسڪين ماڻهو آهيون. اسان جي مدد ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنوڻجي. ياد رهي ته پورهيت غفار پنهنجي گهر پاتين سميت پنجاب ويل هو ۽ چور گهر خالي

ڏسي، موقعي جو فائدو وٺندي سندس نيساڻيءَ جي ڌاڻ سميت سمورو سامان کڻي ويا.

بقايا | سنڌيار | 18

ئي مسئلن تي حاجي رسول بخش چانڊيو اتي موجود ضلع جي ڏميوار آفيسرن کي ماٺهن جا لاڳاپيل مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنيون جڏهن ته سردار حاجي رسول بخش چانڊيو تعليم ڪاتي جي ضلع آفيسرن ڊي اي او سيڪنڊري شوڪت حسين ملاح ڊي اي او پرائمري محمد صالح ڪوريجو ٽي اي او سيڪنڊري بدي محمد دلاور هليوٽي اي او پرائمري بدين غلام محمد ڪوسو سان هڪ الڳ ميٽنگ رکي ۽ ڪائن خسته حال قابل مرمت اسڪولن بابت معلومات وريو ۽ انهن اسڪولن جي لست ڪيس ڏيڻ لاءِ چيو ته جيئن اهڙا اسڪول جلد ڪان جلد تعمير و مرمت ٿي سگهن ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو پنهنجي آفيس تي موجود ماٺهن کي مخاطب ٿيندي چيو ته هو اڳ جيان عوامي ماٺهو آهي ۽ سندس آفيس جا دَر هروقت ماٺهن لاءِ کليل آهن جنهن ڪري اڄ عوام توڙي اهي سڀ ضلع جا ماٺهو جيڪي سائس ڪمن ڪارن جي سلسلي ۾ ملڻ چاهين ٿا اهي بلا جڪ سائس ملاقات ڪري سگهن ٿا هن واضح ڪيو ته سندس پارٽي پيپلزپارٽي عوامي عملي کي تنبيهه ڪئي ته ماٺهن جا سندن آفيسن ۾ ڪم پروقت ڪيا وڃن عوام کي لاڻڻ ڪنهن به آفيسر خلاف شڪايت ملي ته هوان آفيسر عملي يا آفيسر خلاف شڪايت ملي ته هوان آفيسر توڙي عملي خلاف سخت قدم ڪندو ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو پاران چانڊيو هائوس تي عوام سان ڪيل ميٽنگ ۾ ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح پڻ موجود هو جنهن به ماٺهن جي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون ۽ ويڌيڪ هدايتون جاري ڪيون ويون ۽ احڪامات جاري ڪيا ويا ته منشيات فروشن تي ڪڙ ۾ سمجهوتو نه ڪيو ويندو. ميٽنگ دوران پوليس چيف ڊاڪٽر سهراب سرڪي ايس ايس پي سجاول چيو ته ڏوهاري ڪيترا به چالاڪ يا بااثر چو نه هجن پر پيشه ورانه صلاحيتن جي استعمال سان ناممڪن کي ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. نيڪ نيت ۽ پيشه ور صلاحيتن کي استعمال ڪندي انهن کي گرفتار ڪري ڪامياب حاصل ڪري سگهجي ٿي. پوليس ٽائن تي اينڊ سائلين سان حسن سلوڪ سان پيش اچو. سندن عزت نفس ڇوٽڪيل رکيو وڃي، سندن مسئلا ٻڌي فوري حل ڪيا وڃن. انصاف فراهم ڪيو وڃي، ميٽنگ دوران سمورن آفيسرن کي پنهنجن پنهنجن علاقن ۾ خاص هدايتون جاري ڪندي چيو ته موٽر حڪمت عملي سان اسٽيپ ڀيڪنگ کي يقيني بڻائي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي. سٽو ڪر ڪندڙ آفيسرن ۽ جوانن جي حوصلافزائي ڪئي ويندي. بعد ۾ ايس ايس پي آفيس جي مختلف سيڪشنز ۽ برانچن جو دورو ڪري آفيس جي ڪم جو جائزو ورتو. انچارج ۽ پوليس عملدارن کان معلومات پڻ ورتي.

بقايا | سنڌيار | 19

ڪاروبار بڻجي ويو آهي. سراج الحق آرمي چيف، صدر پاڪستان ۽ وزيراعظم کان ڏاڙيلن خلاف آپريشن جي گهر ڪندي چيو ته هي ڪو پهارت جو علاقو نه آهي، حڪومت، فوج، جديد هٿيار ۽ ٽيڪنڪ موجود آهن، ڇو تنهن باوجود رياست اندر رياست قائم آهي آخر هن ملڪ جو چ ڪوبه والي وارث ڪونه آهي. اسلام آباد فتح ڪرڻ کو ڪارنامو نه، اصل ڪارنامو پنهنجي عوام کي امن ۽ تحفظ ڏيڻ آهي. اليڪشن ته جئين به ٿيو ۽ طاقت توڙي پئسي جي زور تي عوامي مينڊيٽ چوري ڪري هڪ قبضا گروپ کي ملڪ تي مسلط ڪيو ويو، هاڻي انهن کي پنهنجي اصل ڏميواريءَ جو به احساس ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ مڪمل ڏاڙيل راج آهي، سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان پوليس خاموش تماشائي بڻجيل آهي. پوري ملڪ جي ماٺهن کي اغوا ڪري پيسن ۾ قيد ڪري تشدد جون وڊيوز وائرل ڪي موڪلي ڪائنس ڪروڙين روپيا پنگ وصول ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ هنان جي پوليس، پوتارن سميت اهم انتظامي عملدار به ملوث آهن. نظرياتي ماٺهو ۽ الله جي دين کي غالب ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ جوڙا مرندا ناهن بلڪ اهي عوام جي ديلن تي راج ڪندا آهن. مولانا عبدالحفيظ بجارائي به انهن مان هڪ هو جنهن جي ديني، عوامي ۽ سياسي توڙي سماجي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪرمپور ويجهو ڳوٺ امام الدين بجارائي ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي ڀٽي جنرل سيڪريٽري ۽ مرڪزي شوريٰ جي رڪن مولانا عبدالحفيظ بجارائي به پنج ڪن 6 هزار رپيا ڪٽوتي ڪٽي وڃي ٿي ان باوجود شهر ۾ صفائي نه ٿيڻ ناانصافي آهي احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي شهرمان گندگي ختم ڪري شهرين کي گندگي جي عذاب کان بچايو وڃي پي صورت ۾ ميونسپل انتظاميه خلاف سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 20

فخر انسانيت 21 مارچ 1963 تي حضرت خواجه محمد طاهر بخشي نقشبندي المعروف سچن سائين جي ولادت باسعادت درگاه رحمت پور شريف لاڙڪاڻو ۾ ٿي. سنڌن جي ڪن ۾ اذان ۽ تڪبير وقت جي ڪامل ولي حضرت پير مدا سائين رح جن ڏي ۽ سنڌن جو اسم مبارڪ محمد طاهر تجويز فرمايو سچن سائين علم تجويد ۽ قرآن مجد جي تعليم ستن سالن جي عمر ۾ حاصل ڪئي. علم حديث ۽ اعلي تعليم المرڪزالقادري ڪراچي مان حاصل ڪئي. 25 مارچ 1982 ۾ فارغ تحصيل ٿيا ۽ دستار فضيلت نصيب ٿي ۽ پاڻ ايم اي اسلاميڪ اسٽڊيز پهرين ڪلاس پوزيشن حاصل ڪئي. حضرت سچن سائين جن باطني ۽ روحاني منزلون پنهنجي والد گرامي، عظيم روحاني پيشوا خواجه حضرت بخش عباسي نقشبندي المعروف سهڻا سائين رح وٽ مڪمل ڪيون. سنڌ کي باب الاسلام چيو ويندو آهي ان جو سبب اهو آهي ته ديين اسلام جي روشني برصغير پاڪ وهند ۾ سڀ کان پهرين هن خطي ۾ ڦهلي. اولياءِ پيغمبران علي سلام جي تعليمات کي عام ڪرڻ جو ڏريعو آهن. اڄ اسان جي ملڪ ۾ فرقہ پرستي، دهشتگردي ۽ نفسا نفسي جي ماحول ۾ پاڻ ڪنري انقلاب، اخلاقي و روحاني انقلاب، تعليمي انقلاب ۽ معاشي انقلاب جو پيغام ڏنو آهي. ٻين المذاهب و ٻين المسالڪ هم آهنگي جي پيغامبر، سفير امن، داعي اتحاد امت، محبتن ڀرپور پيغامبر، دانش عهد حاضر، تعلق بالله جي بحالي، فروغ عشق مصطفٰ ، دعوت تبليغ حق، اصلاح احوال امت، تجديد حيا